بسم الله الرحمن الرحيم

راز الاهي

رِسالو

سَيّدُ عَلِيُ مُحَمّدُ شاهِ سَنائِي

١٣٧٦ـ ١٤٣٠هه

www.qalamwar.com

قلم وار
PUBLICATIONS

ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا پبليشر وٽ محفوظ آهن

ڪتاب جو نالو : راز الاهي

ڪلام : سيد علي محمد شاهه سنائي

تعداد : هڪ هزار

ڇاپو پهريون : 2017 ء

ڇپيندڙ : بتول پرنٽنگ پريس گاڏي کاتو حيدرآباد

ڇپائيندڙ : قلم وار پبليڪيشن اردو بازار ڪراچي

رابطي لاءِ : qalamwar@gmail.com
facebook.com/qalamwar Publications

ہندو ہوں نہ مسلم ہوں
بس کام یہی میں کرتا ہوں

علی محمد شاہ ورد کمایا
رازِ الٰہی دل میں سمایا
جوگی بن کر جگ میں آیا
بس جوگ پکایا کرتا ہوں

فهرست

الف	
آهي لعل سخي لڄپال منهنجو	225
اها سمجھ نہ آئي مون کي اڃا	115
اسان جو تہ مولا حيدر علي نگهَبان آ	40
الٽي بازي عشق مولا جي	99
آهيون تنهنجي اختيار مولا	41
اهڙو جوڳي آيو آ ، اهڙو سامي آيو آ	116
اَوّل امامت علي آ ، اَوّل شهادت علي آ	87
اپنی قدرت آپ ہی جانے	236
اچي ويو اچي ويو حيدر اچي ويو	42
انصاف ناهي دنيا ۾	177
اَچو عشق وارا اَچو يار گڏجون	89
آهي ڳالهہ سڄي ڳڻ ڳائڻ جي	145
آج ہمارے حال پہ یارو ہنستے ہیں	241
اَسان مؤمنان دا سهارا علي هي	43
اعلیٰ علی مولا دی شان ہے	234
آيا موٽي مارون	219
آل عليءَ سان ظلم ٿيو	215
آئون تہ ڏسان ٿو جيڪو	195
اُٿِي اَلِف سان اور	118
آهيون مثل مڙئي انسان	207
آئون تہ ڪجھ نٿو ڄاڻان	119
اسان سوچ لیا ہے سارا جہان علی دا	235
اَٿئي عشق جو درياءُ	141
آهن مون ۾ عيب اَپار	206
آهي سيئي مولا جي وَس	231
آيو عشق آهي	114
ب	
برھ جي هن باھ ۾	107
بگڙيل مقدر بنائڻ وارو	93
بندو حيدر جو پيو ٿو سڏايان	31
باھ برھ جي آ مون ٻاري	120
برائیوں سے بچنا ہے تو نعرہ لگاؤ	232
بس مون کي تہ تنهنجو نام کپي	121
ٻ	
ٻڌ دل سندو داستان	134
ٻلائي ڪندين تان ٻلائي پئي ٿيندي	204
ت | ڀ	
تنهنجي ڇو ٿي مت گمراھ آ	46
تنهنجو خالِي ٻلي مون سان خار آهي	117
تنهنجي ذات مٿان جان قربان ڪريان	48
تو در آهيان سوالي	63
تجھ کو میں نے بٹھایا ہے دل میں صنم	239
تن ۾ اللّٰه من ۾ اللّٰه	19
تنهنجا لڪين تہ ٿورا	49
ٿ | ٺ	
ٿيون خواهشون سڀ ختم	97
ٿي هوشيار بندا گذارين تون	203
ٹھوکر کھا کر سنبھلتا ہے	233

پ	
پھرين رک اِهو ڏيان ميان	187
پرت پيالو پيءُ	189
پنهنجو پاڻ پلبو	160
پنجن ٻارهن سان رکجئين پيار	37
پرين پنهنجو سمجھ نہ ڏور	123
پاڻ ئي لهندو سار	161
پتو ڪو نہ پيڙو ويو وقت گذري	192
پنهنجي قدرت پاڻ ئي جاڻي	165
ج | ڄ	
جيڏي اُپت آ اوڏي ڪپت آ	208
جاڳي جاڳي جن بہ ڏٺو آ	122
جان جسي ۾ غنب غسي	171
جيئي شاهہ جبل ۾	227
جيڪو پلجي ويو	222
جانی میرا سبحان جس کا لکھا گیا ہے قرآن	240
جن جي مولا ساڻ رهاڻ	181
جوگی بن کر جگ میں آیا	242
جاڳ بندا تون جاڳ	193
جاڻي علي ٿو امام	50
ڇ	
ڇا تون ٿو سمجهين	201
ڇاڪڻُون ويني مون کي پلائي	142
ح	
حق سچ تہ اسان کي چوٽو آ	157
حيدرجي در جو ٿي تون غلام	21
حق جي آهي هدايت	51
حيدر صفدر پاڪ علي	52
حياتيءَ تي ٻانور هرگز نہ آهي	162
خ	
خيال ۾ رهہ تون خيال سمائي	124
خبر ناهي يارو مقدر ۾ ڇاهي	163
خبر ناهي ڇاهي منهنجي نصيبن ۾	128
د | ڏ | ڊ	
دم دم رهين ڏيان	27
درد مندان دا مولا هي والي	59
دل ۾ تہ منهنجي دلبر	143
دل دا بغض مٽاوين	33
دیکھ مانگے نہ ملتی ہے بھیک	237
دم دم ديدار آهي	159
ڏسو ڏسو اسين آهيون	86
ڏٺم سري جا الله جي	105
ڊوليا پي پيالا صبر دا	209
ڊيرمٽيءَ جو ٿيندين ڊير	245
ر | ز	
رهبر بنا ڪا راهہ ئي ناهي	197
رهين ٿو عشق مولا ۾	130
روزالستي علي پنهچاوي	44
زاري آهي مولا زاري آهي	179
زماني ۾ مولا علي آهي آيو	45
س	
سورن مون کي سبق ڏنو آ	149
سوچڻ سمجهڻ ذرو بہ ناهي	194
سدائين سلامت آ سيد سونهارو	53
سچ سوليءَ تي چڙهندو آ	164
سوال سڻ سرور سندم	221
سدا سيدن سان آ سرور سهارو	54
سر صحيح سبحان	125
سڻ مسئلا حال فقيري دا	214

220	سوکي لنگهائج سير
91	سردار جون پلايون
153	سر سوليءَ تي چڙهنداسي
	ص
126	صورت جو سبحان
151	صورت جو کر سير ميان
	ع
137	عشق عقل جي لڙائي
55	علي مولا تنهنجو شان
56	علي آهي ضامن روز محشر جو
57	عجب رنگ عليءَ جا يارو
245	علی بادشاہ ہے علی شہنشاہ ہے
127	عشق وارن کي ڏسو
58	علي مولا منهنجو سردار آهي
103	عقل جي جاءِ ناهي هتي
196	عشق رک الف سين
	غ
129	غافل تي بندا کين گذار
213	غمِ حسین میں ہم آنسوں بہا رہے ہیں
	ف | ق
109	فراقن وڏا آهيون ڦٽي ڦٽي
216	قاصد هي کربلا جا چئجان
67	قادرکرم تون کر
	ڪ | گ
132	ڪجهه گذري وئي آ
23	ڪي تا چون آ چريو
60	ڪر مدد مشڪل ۾
17	ڪر نيت صاف ادا
131	ڪنهن تہ بني آهي باري
61	ڪدي چڏ قلب مان جارو
166	ڪونہ ڪيو ڪنهن منا
191	ڪر ڪسڻ جي ڪار
198	کهڙي ڳالهہ ڪريان
223	ڪر ڪيني ڪي قتلام
205	گهڙي ڪن وئي گذري باقي
	ل
168	لک پڙهيم شکرانا
167	لک حمد پڙهان تو
	م
65	مون سان حامي ٿيندو حيدر
73	مون سان مولا علي مددگار آهي
66	مجين مولا عليءَ ڪي تون
64	مشڪل جي ويلي علي علي ڪر
113	مولا ڪيو منظور
68	مولا علي اسان جو ٿيو رکوال آ
69	مولا تہ جٽ ڪٿ حاضر ناظر
70	مولا تنهنجو آهيان ثناگر
76	مؤمن چاهين تون
74	منهنجو مولا سخي سردار آهي
172	منهنجو ننگي توتي ننگ آ
72	منهنجو مولا تون آهين تون
77	مولا آهي مدد مسڪينن يتيمن
75	مشڪل ڪشا ٿيو مولا علي آ
62	منهنجو وارث آهي مولا علي
47	منهنجو تہ مولا تو سواءِ
92	مجي مولا عليءَ ڪي
78	ملڪن ۾ منهنجو مولا
170	محبت ڪي مائٽ اسان سمجهيو آ
230	مومن وے بولو مست قلندر لعل
25	میرا ہے جو رہبر وہ حق کا امام ہے

238	مل کے لگاؤ مومن مولا علی کا نعرہ
	ن
133	نيھن نيو آ مون
158	نا ڪنھن دا خوف اسان ڪون
183	نيھن پڙھائي نماز
228	نُورانيءَ جي نگريءَ ۾
229	نُور نُورانی حق سچ کی نشانی
79	نعرو حيدر جو لڳايو
199	نفس پليت اٿئي ڪتو
	و
135	وحدت ۾ وياسين وڃجي
200	واھ واھ قدرت يار وڪائي
80	واھ سھڻا سيد تنھنجو شان
101	وينئي ريجھايم روح ۾
81	واھ مولا شان تنھنجو نرالو
136	وحدت وارو نغارو وڄائي
217	واءِ حسينا واءِ حسين
169	واھ مولا عجب تنھنجو رنگ آھي
82	وينو ونان مولا تنھنجو نام
83	ورد مولا جو ھر دم پڙھ تون
218	ويس ڪيم تولاءِ ڪارا
	ھ
111	ھر دم ۾ آھي تي تات تنھنجي
144	ھر دم ۾ تنھنجي تي ياد آھي
90	ھٽو نعرا ڪي دل وارا
138	ھن موج مستيءَ جي اندر
140	ھيءُ مولا سندو ٿئي جھان ميان
139	ھي راز ربي جي تون
173	ھيءُ مثل مڙئي آھي خواب
185	ھي جوڳيءَ جي اٿئي جاءِ
155	ھن تہ جھان ۾ جيئڻ جنجال آ
243	ہندو ہوں نہ، مسلم ہوں
173	ھيءُ مثل مڙئي آھي خواب
	ي
202	ياد ڪر تون ياد ڪر
35	يا علي المرتضيٰ
84	يا علي تو کان سواءِ
85	ياعلي ڪر يلي
039	یہ تو سوال میرا عرضی ہے
88	يہ مولا علي دا شان ھي

بسم الله الرحمن الرحيم

ألا بذكر الله تطمئن القلوب

سوره الرعد - آيت نمبر28

اللهم صل على محمد وعلى آل محمد

تون ئي ظاهر تون ئي باطن
تو تي آهي درود سلام

علي محمد شاه هيءَ شاعري ناهي
صرف پڙهان پيو تنهنجو ڪلام

بسم الله الرحمن الرحيم

آسرو رک الله ۾ نيت رک صاف
کلمون پڙھ محمد ﷺ تي قلب رک شفاف
مشکل ۾ مدد حيدر کندئي پلي وڃ کوھ قاف
علي محمد شاھ معاف
مولا کندو صدقي پاک حسين جي

ٻاونجاھ اکري

الف سان الله اٿئي ، جنهن جوڙيو جڳ جهان

ب سان بسم الله اٿئي ، جنهن سان ڪريان ٿو بيان

ٻ سان ٻيائي ڇڏ ، ڇو جو مالڪ مڙني جو آهي رب رحمان

ڀ سان ڀوءُ ڪر مولا پاڪ جو ، اِهو خاص رکجانءِ ڌيان

ت سان تلاوت ڪر ، پر نيت صاف ۽ ثابت رک ايمان

ٿ سان ٿهلجي ويو ، جنهن بہ تڪبر ڪيو آهي جوان

ٽ سان ٽڪر اٿئي ، جيڪو شامل اٿئي شيطان

ٺ سان ٺڪراءِ تنهن ڪي ، اِهو ڪندو آهي زيان

ث سان ثواب ڪماءِ ، پر هر جاءِ ٿيندين تون حيران

پ سان پيار اٿئي ، پريت پرينءَ جو پيمان

ج سان جلالت ۾ جلالِيءَ جو ، ڏس تون جولان

ڄ سان ڄمڻ ۽ مرڻ ياد ڪر ، تہ مولا پاڪ ٿيئي نگهبان

جھ سان جهڪ مولا پاڪ اڳيان پر نيت بنا آهين نادان

ڃ سان مڃ ۽ مڃڻو پوندئي ، هي آهي محبت جو ميدان

چ سان چئو ۽ چئي ڏي ، ڪر حق ۽ حقيقت جو اعلان

ڇ سان ڇيھ ٿيو ، ڇوجو اشرف المخلوقات ٿيو آهي انسان

ح سان حق چئو ، اِهو فرمائي ٿو پاڪ قرآن

خ سان خيال رک دل جو دل ۾ ، اِهو آهي خيالن جو بيابان

د سان دليل ڏي دل جو دل ۾ ، اِهو آهي قدرت جو فرمان

ڌ سان ڌيان ڪر ، تہ ڪيئن بڻيو ۽ ڪيئن بيٺو آهي آسمان

ڏ سان ڏس ڏيھ ساري ۾ ، هيءُ سندس آهي چوگان

ڊ سان ڊڄ مولا پاڪ کان ، نہ تہ ڏکيو ٿيندئي گذران

ڍ سان ڍڪيندو ڍول ڍلايون، ٿيندو مولا پاڪ پاڻ مهربان

ذ سان ذليل آ ، جيڪو بہ مالڪ جو آهي نافرمان

ر سان رياضت آ فقر جي ، اِهو آهي اڳتي جو سامان

ڙ سان ماڙي ناهہ محل ناهہ ، پر هتي آهين تون مسافرخان

ز سان زيارت ڪرمديني پاڪ وچ ڪربلا وچ پلي وچ تون ايران

س سان سُڪا ٻه ساوا ٿيا ، جيڪي رسي ويا آستان

ش سان شينهن شير خدا جو جيڪو مشڪل ڪشا آ پهلوان

ص سان صداقت آهي ، شرافت آهي ، هي طاقت سندو آ داستان

ض سان ضامن آهي الله روزيءَ رزق جو قرآن پاڪ ۾ آهي فرمان

ط سان طريقت آهي شريعت آهي معرفت ۾ آهي حقيقت جو شان

ظ سان ظلم آهي ، پر ظالم ٻه ٿيندو ظلم جو نشان

ع سان عبادت ڪر ، پر نيت بنا نسورو آهي نقصان

غ سان غافل ڇڏ غفلت ڪي ، ٿي مولا جي مستيءَ ۾ تون مستان

ف سان فڪر نه ڪر ذڪر ڪر ، نه ته پاڻ ٿيندين تون پريشان

ڦ سان ڦاٿو آهر ڪو اچي ، هر ڪنهن جي سر تي لڳو پيو آهي امتحان

ق سان قلم قدرت هٿ ۾ ، واهه واهه مولا آ قلمدان

ڪ سان ڪميٽي ڪي ڪير چئي ، جيڪو ٻٽيو بينو آهي بيمان

ک سان کلي خوش ٿي ، مولا پاڪ موڪليو آهي مهمان

گ سان گاهه گاڏيءَ ڪان گهٽو آ ، پر ملڪ سڄو آهي ويران

ڳ سان ڳاءِ حقيقت کي، هيءُ آهي ڳالهين جو گلستان

گھ سان گھم ڦر ملڪ مولا جو، پلي گھم تون لامڪان

ڱ سان منگ مولا پاڪ کان، لاهي شڪ گمان

ل سان لڪ هاديءَ حيدر جا، جيڪو صاحب آهي سلطان

م سان من ملائي، ساري رات پڙھ تون سبحانُ

ن سان نوڙت سڀ نماز اٿئي، ناحق ٿو ٿئين تون پشيمان

ڻ سان وڻي جا رب پاڪ کي، هي عشق سندو آهي آشيان

و سان واھ واھ قدرت جي، آئون در سندو آهيان دربان

ھ سان هدايت آهي حفاظت آهي، اصل آهيان آئون شمعدان

ء سان آئون ڪار جنهن بہ ڪئي، سو ڪيئن مجي مروان

ي سان ياد ڪر يقين رک، نہ تہ مثل آهين تون حيوان

چوي علي محمد شاھ ارڪان

ڪونهي ڪو اڄ خلق ۾

وحدت ۽ ڪثرت ڪڍهن ڪين ٿهن
وڏائي سپ واحد جي انڌا ڪيئن ڏسن
جن قلب صاف ڪيو تن در دوست اچن
ڪن جنين جا ڪاپار ۾ سي ٻوڙا ڪين ٻڏن
علي محمد شاھ اهلبيتن سان وڙهيو ٿا وڙهن
پوءِ هٽيو ٿا هٽن هٿ پنهنجي حال تي

ڪرم ڪر رحم ڪر ۽ رحمان تون رحيم تون

حڪيم تون ڪريم تون ۽ بخش تون بخشڻهار تون

منديون مون ۾ ڪيتريون ڄاڻين تون ڄاڻڻهار تون

نه ڄاڻان ته ڪيترو آئون آهيان گنهگار

علي محمد شاه کي پيار مان ڪڍي پيالو پيار

تهان پوءِ جيار جڏي هن جيءَ کي

ڪر نيت صاف ادا ؛ تہ بسم الله ئي بس اٿئي
اِهوئي تہ منهنجو ڏس اٿئي

ورد وظيفا سيئي ڪر ؛ پر اندر پنهنجو صاف ڪر
اِهو وحدت جو گس اٿئي

پڙهيو وينو تون پڙهہ ؛ اندر ئي اندر ۾ ڪڙهہ
اِهو محبت جو رس اٿئي

علي محمد شاهہ صاف چوءُ ؛ مولا سندو رک تون پوءُ
اڳيان قلم نہ ڪا مس اٿئي

اٿي اللفجر جو تون چرخو ويهي چور
لاهي ڪس قلب تان تون هينئن ويهي اور
تن ڪري تسبيح تون من سان ويهي سور
فڪر فهم لاهي وهم تون ڏونگر ويهي ڏور
قادر جي قدرت ۾ ذرو نہ هلندئي زور
ڪُل نفسٍ ذائقتہ المُوت اِهو تورو ويهي تور
چوي علي محمد شاھ جيڪو اورڻو اٿئي اور
صبح سويري سبحان کي

تن ۾ الله من ۾ الله
پاڪ مُحمَّد صَلي الله ۽ علي آهي ولي الله

ڪنهنجي آ ڳولا هر جاءِ مولا ؛ اجايو خلق ۾ پيا آهن رولا
مالڪ جي قدرت ڏس هيءَ عبرت
پاڪ مُحمَّد صَلي اَلله ۽ علي آهي ولي الله

تون تہ ڪرين پيو منهنجي منهنجي ؛ ڪانهي خبر ڪا ڪنهن ڪي ڪنهنجي
اجايو حوس اٿئي هيرايو نفس ٿئي
پاڪ مُحمَّد صَلي اَلله ۽ علي آهي ولي الله

بقا آهي مالڪ بقا آهي خالق ؛ رزق رسائيندڙ آهي سو رازق
ڪيڙيءَ کي ڪڻ ڏي هاٿيءَ کي مڻ ڏي
پاڪ مُحمَّد صَلي اَلله ۽ علي آهي ولي الله

سُپر آ طاقت سندس آ حمايت ؛ سندس سخاوت سندس عبادت
هيڻن سان حامي سو سردار آهي
پاڪ مُحمَّد صَلي اَلله ۽ علي آهي ولي الله

مظهر العجائب نبيءَ جو نائب ؛ شير خدا جو آهي سو واجب
علي محمد شاهہ پڙهہ پيو سدائين
پاڪ مُحمَّد صَلي اَلله ۽ علي آهي ولي الله

علي اول علي آخر علي ڪونين جو سردار
حسنين جو بابو آهي حيدر ڪرار
اسلام جنهن فتح ڪيو آهي قاتل ڪفار
دين سندو اڳواڻ آهي مهدي مهندار
عَلَم پاڪ نشان جنهنجو نعرو آهي نروار
علي محمد شاهه اسرار ڏنو پاڪ اِمام ۾

حـــيدر جـــي در جـــو ٿـــي تـــون غـــلام
اَٿـــئي يـــار حـــق جـــو اِمـــام

حسن حسينڻ جي در جو سوالي ؛ ڪين موٽيو ڪو ڪڏهن خالي
زيـن الـعــبا تـــي پـــڙهہ درود ســلام

محمد باقــر تان ٿــي تون فدا ؛ جـعفر صـادق ڪان ٿــي نہ جدا
جـــبرائيل جـــن جي در جـــو غـــلام

مـوسيٰ ڪاظم آ ملڪ جو والي ؛ علي رضـا ڇڏيندو نہ خالي
ڪـئين پـــيارين جـــنت جـــو جـــام

محـمد تـقي آ حق حقيقي ؛ بيشڪ لاهي شڪ ڏس عـلي نـقي
حـــق ســندو اٿـــئي جـــو اِمـــام

حسن عسـڪريءَ جي نشاني ؛ مولا مهــدي آ صورت سبحاني
عـلي محـمد شاهہ ڪيو مـــن ۾ مـــاتام

چــرين ڪي چريــو چوڻ آهي چــريائــي
جانچي ڏس پاڻ ۾ ڪــٿي تــون تہ نہ آهيـــن تــوائي
چَوي عــلي مــحمــد شاه سَنائي بــنا سوچ سـمـجه جي
جـــهــڙي ڏوڙ تــهــڙي چـــائـي

ڪي ٿا چون آ چريو ڪي ٿا چون ديوانو
ڪريان مان ڳالھ ڪھڙي چا سمجھي ھي زمانو

ڪونھي ڪو حال محرم ڪونھي ڪو حال پائي
ٻڌايان چئي مان ڪنھن ڪي ھن دل جو ھي فسانو

پلي پيا چون ھو مون کي چريو تہ يار آھيان
آھيان پنجن ٻارھن جي در جو اصل ديوانو

آھيم سڳ سيد جي نہ تہ ڪير ٻڻجي چريو
چريو آھيان يا ڪريو ، مومن آھيان يگانو

يارو ڏنم ھي درشن حقي در آھي حيدر جو
پي پيالو پر ٿي ٻڻجي ويس مستانو

يارو منھنجو صبر آ ، صبر جو ڦل ملندو
علي محمد شاھ سَنائي پتنگ ٿيو پروانو

رہبر ہو اِمام جس کا اُسے کیا پرواہ ہے
بغیر رہبر کے سمجھو وہ گمراہ ہے
کہے علی محمد شاہ تیرے ساتھ حیدر قلندر ہمراہ ہے
تو پھر کیا پرواہ ہے

میرا ہے جو رہبر وہ حق کا امام ہے
یہ تو بندہ گندا اُسی کا غلام ہے

جس نے جِدھر دیکھا اُس نے اُدھر پایا
ہے مولا کا سایہ تو میرا بھی سلام ہے

عرش اور فرش پہ لگ گیا جو نعرہ
لو مولا کا سہارا کے علی اسلام ہے

جسکا نام سبحان اُس کا بھی کیا شان ہے
ارے کھولو قرآن یہ سچا کلام ہے

جن اور بشر نے کیے ہیں جو سجدے
نورِ الٰہی ننانوے نام ہیں

علی محمد شاہ سر کو کٹاؤ
سب سے بڑا یہ تو اعلیٰ مقام ہے

دم دم رهين ڏيان ۾ ؛ ايندا عاشق امتحان ۾
سر ٻہ انهن جو ترئ تي جيڪي رهن وڏي گهمسان ۾
علي محمد شاهہ انسان ۾ آهي مَن هڪڙو

دم دم رهين ڏيان ۾ ، ايندا عاشق امتحان ۾

عشق اٽانگو آهي تئيڙو ، اوج تي جنهن آهي نئيڙو
ثابت صحيح ڪري ڏس ، اشرف تيو انسان ۾

عشق هي آهي اڙانگو ، سوليءَ تي چاڙهي سهانگو
پڄي ئي نٿو ڪوهن ڪي ٻانگو ، جانچي ڏس قرآن ۾

عشق ڪري ٿو قلب صفائي ، ساڻ رکي ٿو صاف سچائي
ڪوري ڪڏي چڏي ٿو ڪچائي ، ايندو نہ ڪو حيوان ۾

عشق ڪري ٿو سر جا سودا ، صابر ڏئي ويا سي ٻہ تہ سودا
ڪو نہ سڃاڻن عشق ڪي شودا ، سو شامل اٿئي شيطان ۾

عشق ڪرائي توبهہ زاري ،خلق ڪلائي ڪرائي خواري
ڪا نہ ٿي گهرجي ڪاهن ڪي سواري ، ثابت آ انهيءَ بيان ۾

عشق علي محمد شاهہ ڪمايو ، من اندر جنهن مچ مچايو
پنهنجو پاڻ آهي جنهن تہ پچايو ، جلي ويو جولان ۾

دیدار ٿيو حـــيدر جو کُلي ويـو نــصيب
قــصو آهي عجيب علي محـمد شاھ پاڪ اِمام ۾



هـــن جهــــان اندر مــليو تـہ در حـــيدر مــليو
هــــن در كان ســواءِ نـہ ٻـيو ڪو در مــليو
سـڏائڻ ســاڻ سگ حـــيدر جـي قـلــندر آ بـڻيو
عـلي محـمد شاھ تنھن قـلندر جـو بـہ گداگر بڻيو

بندو حيدر جو پيو ٿو سڏايان
ڇو نہ شان حيدر جو مان ڳايان

جٿ ڪٿ مون بازي آ جيتي ، ڪڏي ڪان اندر مان پليتي
اچو در سيد جي توهان کي ٻڌايان

هڻو نعرو ملي ٿو پنارو ، علي عرش اعظم جو سهارو
وٺيو نام جنهن جو وينو آهيان

مون هر دم مدد آ پڪاري ، مليو ساٿ سيد جو سرڪاري
ٻئي ڪنهن در جو گدا يار ناهيان

علي محمد شاهہ سرڙو جهڪايو ، پنهنجو پاڻ هٿن سان کهايو
تهان پوءِ بہ نوڪر سڏايان

علي جيها سخي نہ کوئي بڻيا ويکو وچ جهاني
علي جيها پهلوان نہ بڻيا جنهن دا شاهد پاک قرآني
علي محمد شاه جو علي کوجاني
اور پهر بهي نہ ماني سمجهو بڙا بيماني

دل دا بــغض مــٹاوین
پچھي آوین تون حق دَي میدان ۾

دل دیان گلان مـــولا ھِي جاڻي ،تون ورد علي دا پکاوین
پچھي آوین تون حق دَي میدان ۾

کر صــفات پــنجان تنان دِي ، ٻاراھــان دِي رمــز رلاوین
پچھي آوین تون حق دَي میدان ۾

حق نون جاڻي حق نون سجاڻي ، نعرا حیــدر دا لڳاوین
پچھي آوین تون حق دَي میدان ۾

نیتان دَي ھوندي ني ساري سودَي ، تون اپڻا آپ نپاوین
پچھي آوین تون حق دَي میدان ۾

علي محــمد شاھ ذکر مولا دا ، سپ نون یـار سـڻاوین
پچھي آوین تون حق دَي میدان ۾

علـــي ســـواءِ ناهـي گلي ڪولي ڏس قـــرآن

مـــولا مُحمَّدَ ﷺ ڪيو اٽس اَعلىٰ جنهن جو شان

ڪنهن ڪي بہ ناهي طاقت جو گهٽائي سندس شان

اَعـلىٰ شـان بہ ان جـو جَنهنجو لکيل آهي قـــرآن

علي محـمـد شاهہ تي احسان آهي پاڪ اِمـام جو

يا علي المرتضىٰ تُنهنجي ڪريان صفت ثنا
تعريف جي طاقت نہ آ ٿئي مَس سمندر ڏرتي پنا

جبرائيل کي تو جان بخشي ، اُستاد ٿئين تون ئي سندس
مان ۾ تون هئي وائي وٽس ، تون ئي تون سيکاريس تو ثنا

معراج تي مرسل ويو ، هٿ ڏٺائين حيدر سندو
هٿ ڏسي سرور نبي ، پڇي ويو عبرت ڪنا

ولادت پاتئين ڪعبي اندر ، شهادت پاتئين مسجد اندر
سهرو سندس مرسل ٿيو ، جوڙا آيا عرشن ڪنا

مشڪل ۾ هر ڪو توکي پڪاري ، واهه اٽس ٻي ڪا نہ ڪا
جَنهن پڪاريو توکي حيدر ، سو ڇٽو عذابن ڪنا

علي محمد شاهه ٿيو فدا ، در حيدر جي جو گدا
آلِ عليءَ جي محابي ، تون ئي بچائج بدين ڪنا

همـدرد ساٿي ڪو ڪو لالچي لک هـزار
سِر ٻـہ ڏيندو مـرد ڪو ؛ باقي سڀ سَرسِيءَ جــا يار
علي محـمد شاھ سڀ ڄمار آندي آهي ڏکن ۾

پنجن ٻارهن سان رکجئين پيار
باقي دُنيا اَٿَئي آزار

حوس وڏي ويو ، حسد وڏي ويو
پورو ٿي ويو سڀ ويچار

لالچ لوڀ پيو آهي ڪاهي
جيئن پوءِ تيئن آ تيز رفتار

ڪير نہ ڪنهنجو خيال ڪري ٿو
ڪنهن سان ڪجي هِيءَ خبر چار

سَرسِيءَ جو آهي هر ڪو پاسو
ڪريءَ مان آهي هر ڪو بيزار

علي محمد شاهہ پنجن تنن جو
ٻڄي وچ تون يار حبدار

علی علی کرنے والے کو جہنم جلا نہیں سکتا
ہوئے حبدار حیدر کا تو اُسے کوئی بھلا نہیں سکتا
اگر ہو منافق درِ حیدر سے تو اُسے کوئی بچا نہیں سکتا
کہے علی محمد شاہ سنائی رنگ لگتا ہے تو درِ حیدر سے
ورنہ اور کوئی رچا نہیں سکتا

مانو نہ مانو تیری مرضی ہے
یہ تو سوال میرا عرضی ہے

مومن بن جا مان علی کو
بنو نہ بنو تیری مرضی ہے

عزت ایمان مانگ مولا سے
مانگو نہ مانگو تیری مرضی ہے

جنگل جبل میں علی علی ہے
جانو نہ جانو تیری مرضی ہے

سب سے اوّل عبادت یہی ہے
کرو نہ کرو تیری مرضی ہے

علی محمد شاہ رو رو پُکارے
تو رو نہ رو تیری مرضی ہے

اســـان جو تہ مولا حــيدر علي نگهبان آ
سندس شان اعليٰ افــضل لکيل قرآن آ

حسن حسينؑ جو بابو علي آ ، اسان مومنن لاءِ ڪعبو علي آ
ڪعبي ولادت جنهنجي مولا جو شان آ

مرســل جــو وارث بــرادر عــلي آ ، بـرابـر ببر نـر شــير جلي آ
مسجد شهادت جنهنجي مولا جو نشان آ

علي محمد شـاھ ذڪر جي اندر ، مسجد گهڙيو نہ گهڙيو مندر
در تــنهـنجي جو مــولا اصل دربان آ

آهيون ٽُنهنجي اختيار مــولا
جــيڏانهن هــلائين تيڏانهن هــلون پــيا

هـــــر جـــــاءِ جـــلوو ٽُـــنهنجـــو آهـــي
اٿـــئي جـــهان وارن جـــا رولا

ڏســـين پســـين ٿــو هــر جاءِ اســـان کي
آهن شمع ٽُنهنجيءَ جا شعلا

ٽُنهنجي حڪم سان ڪڪ پن چُري ٿو
ڪهڙا ٿيا ڪن جا آهــن ٿولا

عـــلـــي مـحـــمـــد شـــاهه آس ۾ آهـــي
آهـــي دم دم ۾ عـــلـي مـــولا

اچي ويو اچي ويو حيدر اچي ويو
تڏهن تہ هي بندو بدين کان بچي ويو

ڪٽي آندو قسمت دفتر ۾ لکيو
جيڪو منهنجي نصيبن ۾ مون کي يار مليو
پتنگ يار پڙ ۾ پچڻ لاءِ پچي ويو

آهي در حقيقي ڪندس نہ ڪنارو
در تنهنجي سيد ڏٺم جو نظارو
عشق مچ مچايو مچڻ لاءِ مچي ويو

دل ۾ درد دونهان توئي دکايا
منجهئُون منجهہ من ۾ مچ تو مچايا
اڪين آب آندو اچڻ لاءِ اچي ويو

تنهنجي اچڻ سان لهي وئي مصيبت
تو ڪئي مهرباني سا سمجهيم غنيمت
ملي روح راحت نچڻ لاءِ نچي ويو

علي محمد شاهہ جون تو واڳون سنڀاليون
ڪنديون ڇا پوءِ مون کي دنيا جون ديوارون
سر سنائي سڪ ۾ ڪسڻ سان رچي ويو

اسان مومنان دا سهارا علي هي
قسم هي خدا دي پلارا علي هي

بستر نبي تي آپ جو سويا
کل علمان دا باب جو هويا
مُحمَّدﷺ دا همسر دلارا علي هي

اُحد اور خيبر جيتا هي کس ني
مرحب کون اڌو کيتا هي جس ني
فتح پائي محمدﷺ نَي لگا نعرا علي هي

حيدر صفدر نام هي جنهندا
هر مشکل ٿالڻ کام هي جنهندا
بکيان تي ننگيان دا گذارا علي هي

علي محمد شاه ياد کرين تون
حب حيدر دي چا کي مرين تون
دونون جهان دا اشارا علي هي

روز الستي علي پنهچاوي ، هـر کنهن دا کم کونهي
نظر کري جو کيڙي مکوڙي ، ٻئي دي حاجت کونهي

شـان سـيد دا شهنشاهي ، وچ قرآن سـندي هـي گواهـي
مَـن کُنتُ مـولا سمجھ سياڻي ، عـلي نـبي دي خـدائي
سمجهين نہ سمجهين تيڏي مرضي ، زور ظلم دا کونهي

نظر کيتوسين ڏوهين جهانا ، ٿلي زمين تي مٿي آسمانا
شـان عـــلي دا افـضل ٻڻيا ، وچ ڏنوســين پاک قـــرآنا
نـاد عــلي جـهڙي آيت آئي ، ٻـي اهـــڙي آيت کونهي

حسن حسينڻ امت دي والي ، مـولا دي در دا ٻڻجا سـوالي
جـبرائـيل جـنهندا خادم هـويا ، مــولا ڄاڻي مـلک سـوالي
عـلي محـمد شـاھ در حـيدر دا ، اهـــڙا در ٻـيا کونهي

زمانـي ۾ مــولا عــلي آهــي آيــو
شــير بــبر نــر جــلي آهــي آيــو

آهــي مـــولا ملڪ جـــو والـــي
ڪڍي ڇــڏ دل مــان ٻـي ڪا بـيماني
ڪري قــرب مــولا هلي آهــي آيــو

عــرش ۽ فــرش تي سندس آهـي نعــرو
غــريبن يـتيمـن جـــو آهـــي سـهارو
وري پاڻ مــولا حــيدر هلي آهــي آيــو

هـــن جـــهان ۾ تــوڙي هُـــن جــهان ۾
لـڪـيل آهـــــي پــاڪ قــــرآن ۾
عَـــلَم جــي هيئنان سندس آهــي سـايـو

عــــلي محـــمد شــــاهه آس اِهـــائي
مــــولا عـــلـي ڪـٽـي آ پـڃــائـي
ســبحـان اللّـــــه ولـي آهـــي آيـــو

تنهنجي چو ٿي مت گمراهه آ
مـنهنجو حامي حيدر شـاهه آ

آڻ چاڙهڻ منهنجو آ ڪم ، روز رسائڻ مولا جو آ ڪم
ٻئي ڪنهن ڪي نہ ڪو ساهه آ

صبح سانجهيءَ ٿو پريان سلامي ، غازيءَ جي يار ڪريان غلامي
هي ٻارهـن چوڏهـن چاهه آ

علي محمد شاهه اِسم اِلاهي ، مولا جي آ بي پرواهي
مــولا بيشڪ لاپرواهه آ

منهنجو تہ مولا تو سواءِ رهبر ٻيو نہ آ

ڪنهن ڪي خبر تہ ناهي تنهنجي تہ راز جي
هڪڙي بندي جي من ۾ ، ٻي جيڪي ڪري خدا

هادي تنهنجو ثناگر ، در تنهنجي جو گداگر
مولا آهيان پيناگر ، سڻ تون منهنجي صدا

منهنجو تہ آهين مالڪ ، پر خلق سڀئي جو خالق
آهين قرآن ناطق ، توتان ٿيان فدا

آهين مظهرالعجائب ، هر هنڌ آهين غائب
آهين نبيءَ ﷺ تون نائب ، مولا علي مشڪلڪشا

جنهن ڪي جيڏي نظر آ ، تنهن ڪي تيڏي خبر آ
هي آواز با اثر آ ، چوي علي محمد شاهہ

تنهنجي ذات مٿان جان قربان ڪريان
هڪ وار تہ ڇا لک وار ڪريان

هڪ ذات سني ٻي ٻولي مني ، ڪريان ظاهر ڪهڙي جا ڪل ئي ڪني
توريءَ نہ سيد ڪنهن سان پيار ڪريان

واهہ سيد تنهنجو ٿيو شان اَعلىٰ ، عرش فرش ڪيو تنهنجو مان مولا
صرف تنهنجو پيو انتظار ڪريان

تنهنجي صورت صحيح سبحاني آ ، تنهنجي مولا جهلي مهماني آ
تنهنجو دم دم ۾ ديدار ڪريان

تواُمت مٿان ڪئي احساني آ ، جيڪو تو نہ مڃي سو نعماني آ
تَنهنجي ڪلمي تي ڪهڙو اعتبار ڪريان

علي محمد شاهہ مسڪين سان مولا ، پڙهي ڪيئن پڙهيا پولا ۽ پالا
صرف نام تُنهنجي تي پيو عار ڪريان

ٿُنهنجا لکين تہ تورا هر هر مان مڃان ٿو
توکان سواءِ مولا ڪنهن کان بہ نہ ڏڄان ٿو

دم دم احسان ٿُنهنجا لک ڪروڙين پانيان
هڪ بہ تورو نہ لاهيان پر هر هر پيو ڳايان ٿو

ٿُنهنجي آ همراهي ، تڏهن آ بي پرواهي
ٿُنهنجو آ شان شاهي، پيرو نہ مان پڇان ٿو

هر هنڌ تون ئي وسين ٿو، دليون تون ئي کسين ٿو
هر ڪنهن تون ئي رسين ٿو ، بيشڪ مان مڃان ٿو

علي محمد شاهه هر دم ، ٿُنهنجوئي آهي خادم
جي سين رهيو آ دم ، ٿُنهنجي در اچان ٿو

ڄـاڻي علي تــو اِمـام
آئون تـہ سـنـدس آهيـان گـولـو غـلام

حــق کي هــر جــاءِ حـاضــر ڄـاڻـان
ڪـفــرڪـري قـتـلام

عــشــق وارن کي هـــر دم مـــولا
پــياريو جنت جـو جام

رنــگ رنگيءَ جـا پـاڻ ئي ڄـاڻـي
آئون تـہ بـدي بـدنـام

ڪـتــن ٻلن تي ڪرم ڪري تــو
طلبي نـہ ڪوئي طعام

ڪـثــي تـہ واحد پــيو ٿـو سـڏائي
ڪـثــي نـوانــوي نام

عــلي مـحــمد شـاهہ کي هــر جاءِ مليا
مــولا عليءَ جا ســلام

حق جي آهي هدايت حق جي امام جي
ڪندو جيڪو دل سان عبادت امام جي

پوري جهان ۾ سندس آ نعرو
مومنن کي مولا ڏي ٿو سهارو
جنهن کي خبر آهي طاقت اِمام جي

درد مندن کي دردن جي معافي
مولا محمدﷺ ٿيندو آ شافي
صاحب شفا جو مالڪ ولايت امام جي

راهه رباني سر سبحاني
جِنهنجي آماني ٿنهنجي آڪاني
آهي هِيءَ سخاوت امام جي

علي محمد شاهه ڏس راز اِلاهِي
مولا ڏني آ بي پرواهي
مدد مولا جي ٿيندي شفاعت امام جي

حــيــدر صفدر پاڪ علي هر جاءِ تَنهنجي هاڪ هــلي
ڪُل نبــوت ڪُل امــامت جــو رهــنما پاڪ عــلي

ڪعبي سندو تون ڄام آهين ، مولا سندو تون نام آهين
حــق سندو تون امام آهين ، مالڪ ملڪ لولاڪ عــلي

بتــول جـــو شــوهــر صــنم ، دين جــو گوهــر عِــلِم
لڪــيل آهـــي لــوح قــلــم ، لافــتيٰ اِلا عـــلـــي

علي محمد شاھ دل جي اندر ، مسجد هجي يا پلي ڪو مندر
صــاف تُنــهنجي آهي پاڪ نظر ، سچا پاڪ مــولا عــلي

سدائين سلامت آ سيد سونهارو
هٽي ڇڏيو مومن حيدري نعرو

مولا مُحمَّد ﷺ هڪ ٿو ڄاڻان
ٻئي ڪنهن کي يار ڪين سڃاڻان
وٿ ونڻو اٿئي جي يار پنارو

علي ولي آ ولايت جو والي
سدائين رهان ٿو مان سيد جو سوالي
تهان پوءِ آ مولا ورايو وارو

حسن حسينؑ هادي هدايت
مولا طرفان ٿي آ عنايت
وحدت وجود جو آسهارو

علي محمد شاه صاف صحيح ڪر
مولا مهدي معاف لهي ڪر
لهي ڪا ڪپت ۽ لهي ڪو مونجهارو

سدا سيدن سان آ سرور سهارو
علي اهلبيتن جو رهبر پنارو

رک سک سيد جي سدا رهہ تون سرهو
اٿئي در حيدر جو ٿي نہ تون ارهو
ڪڏي ڇڏ قلب مان سڀ مونجهارو

ڇڏي ڏي تون آڪڙ هٺ وڏائي
حسد ڪم نہ ايندئي وارئي حق جي وائي
ڪڍي ڪفر دل مان هڻ حيدري نعرو

آهي حق حقيقي آ حق سندو هادي
رهبر آ منهنجو آهي غازي جي گادي
عرش تي سيد سندو آهي اوتارو

ڏسو سات سيد ڪيئن ڪربل ڪهايو
هڪ هڪ ٿي سيد شهادت لاءِ آيو
اسلام ڪي سيد ڏنو آ پنارو

چَوي علي محمد شاهہ مون دامن جهلي آ
منهنجو مرشد پاڪ مولا علي آ
اٿم آس من ۾ ٿيندو محشر موچارو

عــــلــــي مـــــولا تنــهنــجــو شـــان
ڪهڙو ڪريان مان بيان

هـــــر جاءِ مـــــولا آهـــــين حــاضــر
هــر ڪنهن جــو نگهبان

ڪعبو بـــ آهــي تنهنــجو مـــــولا
تنهنجوئي آهي لامڪان

هـــــر جاءِ جــلوو آهـــــي تنـهنـجـو
هــر جاءِ تي قائم نشان

نـــبـــين ڏنـــيون آهـــــن گواهـــيون
ٻيـــو ظاهر آهي قـــرآن

عـــلـيمحـمد شاهه هر ڪو چوي ٿـــو
ربّ آهـــــي رحـــــمان

علي آهي ضامن روز محشر جو
علي آهي مالڪ اندر قبر جو

علي ولي آ ولين جو بـ والي
سندس در تي قدرت ڪمالي
واهہ سو خالق سٽي سڀ خبر جو

پوري جهان ۾ علي جي آ طاقت
مسڪينن يتيمن سان سندس آ حمايت
فقر تي وهائي تير صبر جو

حيدر جي حمايت چڙهي ڏونگر ڏاري
ٻڏل ٻيڙا تار مان تاري
ڏسي پيش زير نہ ڪي زبر جو

علي محمد شاهہ پيري جنهن غلامي
ٿئي جڳ سارو تنهن جو سلامي
ڏئي جام جاني پيري ڪوثر جو

عجب رنگ علي جا يارو ، پاڻئي جاڻي پاڻ ڏٺي
ڪيڙيءَ کي ڪڻ رسائي ، هاٿيءَ کي ڏئي مَڻ ڪٽي

مڇيءَ پڪاريو سمنڊ جي اندر
تنهن جي مولا ڪيئن سٽي

اُحد ۽ خيبر مولا فتح ڪيو
ٻئي ڪنهن جي يار ڪا نه ٻٽي

مولا تہ جٿ ڪٿ حاضر ناظر
ظاهر باطن ڏس ڪٽي

علي محمد شاه تي راز حيدر جو
مليس محب ويس ڳالهه وٽي

علي مولا منهنجو سردار آهي
هادي آ حــيدر جو همراهہ آهي

ســندس آهــي حـمايت سـندس آهــي عــنايت
سندس ئي آهي سخاوت هو سدا شاهوڪار آهي

وٽ در حــيدر جــو اِهــڙو ٻـيو در نــ آهــي
محــشر ۾ بـہ مـولا هو مهدي مهــندار آهــي

مـشـڪل جــي ويلي سـڏي ڏس مــــولا ڪي
ٻڏل ٻــيـڙا تاري ٿــو مــــولا اڙين آڌار آهــي

عـلي محــمد شاهہ مـولا جـو ڏس آهــي ثناگر
آهــيان مولا جو گداگر هو بيشڪ سرڪار آهي

درد مندان دا مولا هي والي
جَنهن دَي در تي ملک سوالي

جبرائيل دَي جدون پر جلي هِن
اُتان ئِي حيدر آپ کهڙي هِن
اِک نکتہ ڈتس هي جو کمالي

ڈُک ويلي مُحمَّد ﷺ ني آپ پکارا
نادعلي کون پڙھ کي ماريس جو نعرا
آيا عرش تون اڙکي حيدر جلالي

علي محمد شاھ دردان دا مارا
مولا علي هَي جَنهن دا سهارا
تون وِي بڻجا لال دا خاص ڈمالي

کر مدد مشکل ۾ تون مشکل کشا
منهنجو مولا تو سواءِ ڪوئي نہ آ

هر نبيءَ جي تو مدد ڪئي مولا علي
نوح جي ڪشتيءَ جو ڪنارو ٻيو نہ آ

آهي دل ۾ آرزو مولا علي
هر جڳهه تي ٿي مدد شير خدا

حڪم تُنهنجي ۾ ٿيا جن بشر مريد
راهه رهنما تو سواءِ ڪوئي نہ آ

نَادِ علي جا پڙهي هئي سرور نبي ﷺ
کر مدد مولا ٻيو چارو نہ آ

علي محمد شاهه محڪم يقين ايمان رک
لا فتٰی حيدر سواءِ ڪوئي نہ آ

ڪدي چڏ قلب مان ڄارو لهئي ڪو دل تان مونجهارو
تون ڪر دل صاف تہ منزل معاف هڻي چڏ حيدري نعرو

مري هڪ ڏينهن هلندين تون پڇا ٿيندئي ڇا چوندين تون
ڪٽي دفتر اِيندئي سامهون مَن پوءِ ٿيندين ويچارو

ڪريان هيءَ ڳالهہ دل ڪولي ٻولڻ وارو پيو ٻولي
تون ڇا سگهندين مون ڪي ڳولي ، منهنجو مولا آ سهارو

سالڪن سچ چيو آهي قيامت هاڻي ويجهو آهي
چوڏهين ٿي چٽ وئي آهي قصو پندرهينءَ ۾ آ سارو

توبهہ ڪر زاري زاري ڪر اڳيان پنڌ پاري تياري ڪر
چوي علي محمد شاهہ هوشياري ڪر ، آيو ٿئي سيد سونهارو

مُـــنهـنـجـو وارث آهي مـــولا عــلي
جــنهن کان تــہ سواءِ ٻــي ناهــي ڳلي

مُنهنجو مولا حق جو اِمام آهي ، هيءُ بندو بہ تَنهنجو غلام آهي
جنهنجو رکيل جنت ۾ جام آهي ، آهي کُل ولين جو يار ولي

مُنهنجو مالڪ آ مُنهنجو خالق آ ، مونکي رزق رسائيندڙ رازق آ
مُنهنجومولا قرآن ناطق آ ، جَنهنجي عــرش ۽ فــرش تي هاڪ هلي

جيڪو جهنگل جبل جو والي آ ، جنهنجي در تي هرڪو سوالي آ
جَنهنجو جلوو قطب ڪمالي آ ، جي ڏسڻو اٿئي تہ ڏس تون ٻلي

علي محمد شاھ ڪيو آهي صبر ،اِهيو مولا ڪيو آهي مونکي امر
هر حال ۾ ڪرڻو آهي شڪر ، اِها وئي آ نصيحت مونکي ملي

تــو در آهيان سوالي غازي عباس پــيارا
موٽائين مون مَ خالي محبوب مـشـڪ وارا

عـــرش ۽ فـــرش تي دائم نوري ٿُنهنــجا نــظارا
ملڪن ۾ مـــولا قائـــم وســن ٿُنهنــجا اَوتــارا
سـڪ مــان صدا ڪريان ٿو حــسنين جا پـــيارا

لــختِ جــگر علي ؑ جو غازي لقب آ تنهنــجـو
حــسنين جــو بـــرادر نـمازي عجب آ تنهنجــو
تــو بازو ٻــئي ڪٽايا تيــرن جا هـٺا وســڪارا

پرندي ڪي ناهي طاقت جو تنهنجي مٿان اڏامي
ڪهڙي ٻــ باھ ڀڙڪيل تنهنجي هٿان وســـامي
علي محمد شاھ سَنائي تي احسان تنهنجا ٿــورا

مــشـكـل جـَي ويلي علي عـلي كـر
عــلي ولــي آ ۽ مـولا عـلي آ ۽ شيــرِ جلي آ

عـلي يدالله ۽ عـلي وجه الله ۽ عـلي كـرم الله ۽ عـلي لـسان الله
هـر كـنهن خـبر آ جنهن اڏايو خـيبر آ عـلي ولي آ مـولا عـلي آ

ظـاهـر ظهوري نور آ نوري ۽ درشن كـيو آ مون تـہ حـضوري
تڏهن تـہ هر كـنهن جهولي جـهلي آ ۽ عـلي ولي آ مـولا عـلي آ

نياز نوڙت مُنهنجي عبادت ۽ ظالم كي آهي مُنهنجي هدايت
سـک صــداقـت ۽ سـک شــرافـت ۽ عـلي ولي آ مـولا عـلي آ

ظـالـم كان نــہ ڏكـ تــون ۽ مــولا كان بــندا ڏكـ تــون
لاهــي وهــم كـڏي چڏ شكـ تــون ۽ عـلي ولي آ مـولا عـلي آ

عــلي مـحــمد شاه سبحان الله ۽ پڙه پيو همــيشه اَلحــمدالله
محشر ۾ بـہ مالكـ ملندو سو خالق ۽ عـلي ولي آ مـولا عـلي آ

مون سان حامي ٿيندو حيدر
مدد ڪندو مسڪينن جي آهي اڙين جو آڌر

مون سان يار هر دم مولا آهي حامي
اوهانجو تہ ايمان ڪيڏانهن ويو اڏامي
ڪندو مهر مون تي سو سردار سرور

ڄاڻي پاڻ مولا آلائي ڇالاءِ پيا رولا
مولا تہ آ هر هنڌ پوءِ ڇا جي آ ڳولا
ٿيندو مدد مون سان مديني جو منور

آهي ڏوهہ مُنهنجو ڪنهنجو ڏوهہ ناهي
آهي ڪا گهٽ مون ۾ مولا بي ڏوهہ آهي
ڪرم ڪندو مولا پرين پاڪ پرور

علي محمد شاهہ آهي مولا کي پارت
جَنهن تہ سخيءَ ڪئي مون کي آ بشارت
آهي پاڻ بادشاهہ پاڻ ئي گورنر

مڃين مـولا عــلي کي تون تہ حيدر جَي پڙ ۾ اچ
دنيا جِي ڪُل بڇڙاين کان ڇڱو اٿئي اَدا تون بچ

هـٽي نـعرو جَـي نچـندين بُـرائين کان بـندا بچـندين
ڪنهن کان ڪو نہ پوءِ ڊڄندين ، پهرين ٻار مـولا جو مـچ

پـلـو چاهـين پـلـو پائـين تـہ ڇڏي ڏي عـداوت تـــون
ڪر نہ ڪَنهنجي بغاوت تون ، ڳالهائج پيو سدائين تون سچ

رهـندو نـام مــولا جـو ، ٻيو ڪـم نـہ اِيـندئي ڪـو
ويندي ڪانپوءِ ڪندي هوءِ هوءِ ، ڳاڙيندين هٿ هلي تون ڳچ

نيت جِي رک سچائي تـون ، نيت جِي ڪر صفائي تــون
انــدر ۾ رک اڇائي تون ، ڪوري ڪڍي ڇـڏ تـون ڪچ

علي محـمد شـاهہ آيو ٻولي ، انـدر ڪاري آيــو ڇـولي
ٻـڏايان صــاف ٿـــو ڪولي ، پـرت پنـجن ۾ تـــون پچ

قادر ڪرم تون ڪر پنهنجو مون ڪر
واسطي پنجن جي واسطي ٻارهن جي

آئون ادلو گدلو عيبدار
تون پاڪ آهين پاڪن

ڏاڍي سرڪار آ ربَّ جِي
کهڙي خبر آ انڌن

ايمان عزت گهران ٿو مالڪ
ڪونهي شوق ڪوناٽن

آهيان ويرين وچ ۾
پَر هُو ڪين ڪچن

علي محمد شاهه سوالي سَنائي
آهي پياسي اِمامن

مولا علي اَسان جو تيو رکوال آ
حيدر اَسان جو سخي لجپال آ

محشر جو مولا آهي ضامن ، ڪين ڇڏيندس تنهنجو دامن
حال حقيقت ساري پورو هِي احوال آ

جت ڪٿ مولا آهي حاضر ، جلوي سان ٿئي ٿو ظاهر
حيدر اَسان جو سخي لجپال آ

مولا علي آهي جَنهن جو وارث ، ملي ويو تنهن کي آهي پارس
مسڪين مان تہ جلدي ٿيو مالا مال آ

مشڪل جي ويلي حيدر جِي حمايت ، جلد اَچي سو ڪري ٿو شفاعت
اَعليٰ جَنهنجو ڪيو مولا مثال آ

علي محمد شاھ دنيا فاني ، چند ڏينهن جِي آهي ڪهاڻي
حامي اِمام ٿيندو بيئي جي ڇا مجال آ

مــولا تــہ جت ڪٿ حاضــر ناظــر
ظاهــر باطن ڏس ڪــٽي

ٿُــنهنــجُــون اُمــيدون ٿُنهِنجا عــقِيدا
پوءِ بہ جا مـولا ڪي وٽي

ونــحــن اقـــرب پــاڻ ئـــي آهـــي
ڪولـــي ڏس قـــرآن ڪٽي

ســمـــيع بــصـــير مـــولا آهـــي
پــوءِ بــہ جا مــولا آ سٽي

عـــلي محمد شـاه عــشق مـــولا ۾
مــولا جِي آ مــهر گهٽي

مولا تُنهنجو آهيان ثناگر ڪر قبول مُنهنجي صدا
راهِ حق ۾ تون هلائج راهِ حق ۾ تيان فدا

نہ خواهش آهي جنت جي ، نہ جهنم جوئي خوف آهي
مونکي آهي منظور مولا ، جيڪا هجي تُنهنجي رضا

تُنهنجي قدرت جنهن ۾ عبرت ، حيرت ۾ حيران آهيان
لافتيٰ اِلاَ علي ، تون ئي آهين شيرِ خدا

هر جڳهہ تي نعرو آ تُنهنجو ، مولا علي مشڪلڪشا
ڪرمدد مُنهنجي مولا ، ڪا نہ رهي آ ڪنهن ۾ وفا

علي محمد شاهہ قرآن ۾ ، لکيل آهي ظاهر ظهور
نور هِي آهي نور مولا ، پاڪ مُحمَّدَ مُصطفيٰ ﷺ

ياعلي تون مدد ٿجانءِ
محابي پنجن جَي محابي ٻارنهن جَي
ٻيڙو مُنهنجو پار ڪجانءِ

پاڪن پاڪ نام آ تُنهنجو ، آب ڪوثر جام آ تنهنجو
شاهِ نجف ٿيو گام آ تُنهنجو ، پَنهنجي سخا سرڪار ڪجانءِ

اَفضل آهين قرآن اندر ، جنم پاتو تو ڪعبي اندر
چادر لٿي آ توتي تطهير ، حيدر صفدر مهر ڪجانءِ

علي محمد شاهه تُنهنجو ثناگر ، در حيدر جو آهي گداگر
مظهرالعجائب جڳ جي اندر، مون مسڪين تي نظر ڪجانءِ

مُنهنجو مولا تون آهين تون
ٻيو نہ ڏسان ڪو ڏيھہ ۾

جت ڪٿ آهن تُنهنجا نظارا
بيشڪ نرمل تون ئي تون

ڳولهي ڏٺو جهان ۾ مون
جت ڪٿ ملئين تون ئي تون

حق سچ تو وٽ آهي سمايل
سڌي راهہ بہ تون ئي تون

آهين هميشه لاءِ دائم قائم
حاظر ناظر بہ تون ئي تون

صبر جي تو وٽ حد نہ آهي
بيشڪ صابر تون ئي تون

علي محمد شاهہ کي مرشد مليو
جَنهن سيکاريو تون ئي تون

مون سان مولا علي مددگار آهي
دُنيا جَي تونگرن جِي پرواهہ ناهي

توهان ناڻن تي ٿا ناز ڪيو ، اَسان دل ڪي سجڻ آهي ساز ڪيو
اِهو مولا مون تي آهي راز ڪيو
انهن ناڻن ٿاڻن جِي پرواهہ ناهي

توهان مال ملڪيت ۾ مست آهيو ، توهان عين عبادت ۾ سست آهيو
توهين صبح ڪان سانجهيءَ تائين ٿا ناحق ڪيو
ڪجهہ خوف ڪريو مولا بي پرواهہ آهي

توهان هٺ وڏائيءَ مان ماپو ٿَٿا ، توهين پنهنجي بڙهائيءَ مان ڊاپو ٿٿا
نہ ڪي نيڪي ڪيو نہ ڪي چاهيو ٿا
مولا وٽ دير آهي پر انڌير ناهي

ڪجهہ هوش ڪيو ڪاوڙ ڇوٿا ڪريو ، ايڏو نہ جوش ڪيو آڪڙ ڇو ٿا ڪريو
هِتي جي ڇڏي ڪجهہ اڳيان لاءِ ڪريو
مولا جي لٺ ۾ ڪو آواز ناهي

علي محمد شاهہ حق جو هوڪو ڏنو ، جيئن حسين ڏنو تيئن ڪنهن نہ ڏنو
سيد سات لٽايو پر هُو ڪين ڊنو
هِي بندو بہ تَنهنجو طلبگار آهي

مُنهنجو مولا سخي سردار آهي
جيڪو ڪُل جهان جو ڪُل مختيار آهي

جَنهنجي آ قدرت تَنهنجي آ عبرت
ڇڏ تون غفلت ڪاءُ تون حيرت
ڏس ولين نبين جو سو مهندار آهي

مانيءَ جي عيوض ڏنائين قطارون
انڌي کي هٿ ۾ ملي ويون مهارون
مليو نور نادر کي سو تہ سرڪار آهي

ٻلائيءَ جا ٻاڙا مولا پاڪ ڏئي ٿو
ٻلا اُن جو بدلو ٻيو ڪير ڏئي ٿو
وٺ در حيدر جو مولا وفادار آهي

علي محمد شاه راه آهي هدايت
مولا علي جي ڏس آهي ولايت
ظاهر ظهور مولا جو ٿيٽو نور نروار آهي

مشڪل ڪشا ٽيو مولا علي آ
شير خدا جو شير جلي آ

مشڪل جي ويلي علي کي سنڀارج
ٻئي ڪنهن ڏي يار ڪيم نهارج
ڪندو ڪل جَهان جي يار ڀلي آ

اوکي ويلي هر ڪنهن حيدر کي پڪاريو
مولا علي ٽَنهنجو ٻيڙو آهي تاريو
ٻوءِ ملي جا ٻوءِ علي آ

علي محمد شاه حيدر جي هدايت
ناهي ٻي ڪا يار شڪايت
رهبر جَنهنجو شهنشاه علي آ

مومن چاهين تون پنهنجو ڇوٽڪارو
تہ وٺ مولا عليءَ جو سهارو

هر دو جهان ۾ مولا جي هلي آ
ڪُل ولين جو علي ولي آ
اِهڙو نہ ملندئي ٻيو ڪو پنارو

جنهن بہ جهليو سندس دامن آ
هِتي هُتي تَنهنجو ضامن آ
هڻ تون بہ مومن حيدر جو نعرو

حيدر جَنهنجو آهي همراهہ
تَنهنکي نہ کنهنجي آهي پرواهہ
مولائن جو مولا تي آهي گذارو

علي محمد شاهہ علي سخي آ
جنهن مُنهنجي لڄ رکي آ
سواءِ مولا جي نہ ملندئي ڪو چارو

مولا آهي مـدد مسكينن يتيمن
فقيرن اميرن ۽ صغيرن اسيرن

مُـنهنجو مـــولا آهي ملڪ جـــو والي
ڇـڏي ڪين در تان ڪو خـالي سُـوالي
باقـي شڪ شبهو آهي شـريرن

ڪـوثـــر ڏڻـــي آ ڪعبي جــو مالڪ
ڳالـــهـہ ڳـــهڻـــي آ سڀ جـــو آ خـــــالق
پاڻ شفا ڏئي تـو سوئي مريضن

راضـــي رهـــي شل رضا جـو سـو صاحب
پـــاڻ ئـــي آ حاڪم پاڻ ئـــي نـــائب
هـلائي دنيا ۾ بادشاهن وزيـرن

عـــلي مـحـــمد شـــاهہ هـــــي راز ربَّـانــي
رهـــندو نـــہ ڪوئي هـــي دنـــيا آ فانـــي
رهي نام مـولا جو نـذيـرؔ بشـــيرؔ

مـلـڪن ۾ مُنهنجو مـــولا مشهور يـار آهــي
مـولا علي نبي جـو ٽيڻو ظهور آهي

حـــيدر جـــي آ اِمامت حـــيدر جي آهي شاهــي
مـمـبر تـي مُحمَّدﷺ ڏني آهي هـــيءَ گواهــي
سيني چيو ٿي مرسل منظور يار آهي

ڪنهن ڪي ڀـ ناهي طاقت مـولا جـي آ ولايت
ســندس ئي آهي سخاوت سندس ئـي آ حمايت
مـڙني سان مـدد ۾ ڀـرپور يـار آهي

عـلي مـحـمد شاهه باطن چاهي ڏس تـون ظاهــر
مـــولا هـــر جڳهه تـــي حاظـر آهــي ســو ناظــر
واهه واهه مليم مولا نوراني نور آهي

نعرو حيدر جو لڳايو اوهين ٻلي ڳايو
شان حسين صاحب ثقلين جو

عشق ٿيو جنهنجو آهي اَعليٰ
سيني کان آهي سوايو

در حقيقي آهي پنجتن جو
من ۾ مچ کو مچايو

سر سيد جو ڌار هو ڌڙ کان
قرآن نيزي تي سٹايو

صفت ثنا جنهنجي عين عبادت
خود خدا جو آ رايو

علي محمد شاهه راهِ مولا ۾
دين حسينؑ بچايو

واھ سھڻا سيد تُنھنجو شان شاھي
خود ربّي قدرت عجب رنگ الاھي

آھي عرش ۽ فرش تي تُنھنجوئي نعرو
تئين غريبن يتيمن جو تون ئي سھارو
ڏين جن بشر پيا سندي ھيءَ گواھي

ھِتي ۽ ھُتي جو تون آھين پنارو
محشر سندو تون آھين ڇوٽڪارو
تئي کل خوشيءَ سان ھر کو سپاھي

بنا سيد تُنھنجي ڪانھي واھ ڪائي
دنيا توڙي آخر آ تُنھنجي سوائي
ھيءَ مولا سندي آ قرآن گواھي

مون ڪي محبوب تُنھنجي آھي تات ڪرڻي
صبح توڙي سانجھيءَ آھي لات لنوڻي
ڏي سيد سوجھرو لھي شل اونداھي

علي محمد شاھ سچ چوءَ سچي آ سچائي
خدا ڪان خريدي حسينؑ خدائي
مثال جَنھنجو ڪربلا آھي ھيءَ گواھي

واهه مولا شان تُنهنجو نرالو
ڪڏهن تون تونگر ڪڏهن پولو پالو

ڪڏهن تون ڪبوتر ڪڏهن باز بَحري
ڪڏهن محب منڙو ڪڏهن ڪان ڪَهري
ڳولهي ڪو نہ سگهندو توکي بي افعالو

جَنهن تي تيئن راضي بڻائين گهوٽ غازي
منهنجي تُنهنجي در تي آزي آهي نيازي
مونکي ناهي طاقت وڻان تُنهنجو نالو

جڏهن ڪان تيو درشن پريم تُنهنجي سلامي
تڏهن ڪان پرين ڪيم تُنهنجي غلامي
پياريو تو پر تي پرت جو پيالو

آهي تُنهنجي در تي هر ڪو سوالي
سني يا شيعو ملنگ يا موالي
آهين تون ڪامل سچو تنهنجو نالو

مُنهنجي مولا توبهہ زاري آهي زاري
محابي پنجن جي ڪجئين ڪا پوءِ واري
علي محمد شاهه سَنائي پاتو محب والو

وينو وڻان مـــولا تُنهنجو نـام
هادي تون ئي آهين حق جو اِمام

ورد انـــدر ۾ هـــر دم آ تُنهنجو
تـــوڙي صـبح آهـــي يـا شـــام

انـــدر مُـــنهنجي مـــچ ٻـــري ٿـــو
آهـــي اڪـــين ڪي نـــــ آرام

مـــالـــڪ مُنهنجو خالـق تـــون آهـــين
نـــوانـــوي مـــولا تُـــنهنجـو آ نـــام

تـــون ئـي ظاهـــر تـــون ئـي باطـــن
تـــوتـــي آهـــي درودُ ســـــلام

عـلي مـحـمد شاه هـــيءَ شاعري ناهي
صـــرف پـــڙهان پيو تنهنجـو ڪـلام

ورد مولا جو هر دم پڙهه تون
مشڪل ويندئي يار ٽري

ثابت ايمان جَنهنجو بہ هوندو
سُکي بہ ٿيندي تَنهنجي هري

نيت صاف تہ منزل آسان
ٻيڙي تہ ويندي تَنهنجي تري

محڪم يقين پَنهنجو رک تون
تہ ٻريل باهه بہ ويندئي ٺري

صبر شڪر سان ذڪر ڪر تون
پوءِ حب حيدر ۾ ٿيءُ چري

لَم يَلِدوَلَم يُولَد آ ، راز اِهوئي آهي ربّي
علي محمد شاهه اڳيان ڳالهه ڳري

يا علي تو کان سواءِ مشڪلڪشا ڪوئي نہ آ
رستم هُئا گھڻئي مگر شير خدا ٻيو ڪوئي نہ آ

نورانيءَ تي نوري عجب آ تُنھنجو نظارو
عرش ۽ فرش تي هلي ٿو تُنھنجو اشارو
جھنگل توڙي جبل تو سواءِ ڪوئي نہ آ

آهي هڪ هڪوئي ذرو بہ فرق نہ آهي
علي ڪي ٱللہ چوان تنھن ۾ بہ شڪ نہ آهي
ڏسي نصيريءَ هو چيو ٱللہ ٻيو ڪوئي نہ آ

ابو تراب تون ئي ڪعبي جو بہ ڪعبو
امام زين العابدين جي بابي جو بہ بابو
مُحمَّدُ ﷺ جو نياڻو ٻيو تو سواءِ ڪوئي نہ آ

دل سان پڪاري جَنھن ڪئي صدا
اُڪاريا تو نہ ڏنئي ميرا مندا
تي مدد حيدر واهر ٻيو ڪوئي نہ آ

علي محمد شاهہ سَنائي چوي مومن مولائي
انا مدينة العلم و علي بابها آ قرآن گواهي
در چڏي ديوار ٽپڻ منڪر سواءِ ٻيو ڪوئي نہ آ

ياعلي ڪر پلي مون سندو آڌار تون
مون سندو آڌار تون مڙني سندو مهندار تون

مولا تُنهنجو آ شان وڏايو
ملڪ فلڪ سڀ تو وٽ نمايو
مُنهنجو محبوب تون مُنهنجو مننار تون

تون ئي پڄائين من جون مرادون
مومنن جون مولا ڪندين تون آباديون
مومنن جو مولا سپه سالار تون

اُحد ۽ خيبر توئي فتح ڪيو
نبيءَ ڪي شان مولا توئي عطا ڪيو
مُحمَّدﷺ جو وارث حقي پڳدار تون

مردودن تو سان ڪيون سڀ دغائون
تو ڪيون مولا تن سان هميشه وفائون
تِن جو مولا ڪندين منهنڪار تون

علي محمد شاهه سان مولا حامي ٿيندين هر دم
وائي آ وات جنهنڪي تات تُنهنجي دم دم
تَنهن ساڻ مولا آهين مددگار تون

ڏسو ڏسو اسين آهيون ملنگ مَولا جا
حبدار حيدر جا آهيون چو نہ نعرا لڳايون

خندق کي ڏس تون خيبر کي ڏس تون ، اُحد کي ڏس تون بدر کي ڏس تون
اهي کٽيل مَولا جُون لڙايون

جَنهن جي مولا سان محبت آهي ، سمجھ اُهوئي مرد بہ آهي
اوهين مرد ٿيو يا مايون

ساري جهان جو مالڪ آهي ، پوري جهان جو خالق آهي
آهن هر هنڌ مولا جون جايون

هلڻو آهي هتان هاڻي ، مرڻو آهي اج يا سڀاڻي
اچو مومن ميلو ملهايون

علي محمد شاھ اظهار آهي ، نعرو مولا جو نروار آهي
اچو منڪر کي تہ مچايون

اوَّل اِمــامت عـــلي آ ، اوَّل شهادت عـــلي آ
اوَّل سخاوت عـــلي آ ، اوَّل شناخت عـــلي آ

نــادر جـــهڙن نـــيڻ نياڳن ٽڪر پـــور لاءِ ســـوال ڪيو
مـــولا تـــنهن کي پنهنجن پاڳن نـور ڏئـي مالامال ڪيو
ســـوئـــي شـــــيرِ جـــلـــي آ

مـــولائن ســـان مـــولا هر دم ساٿ رهـــي ٿـــو ســوئي همدمِ
جيڪو رکي ٿو حسيني غم تنهن کان دور رهي ٿو ان جو غم
ٻـــي ڪا نـــہ ڪا يـــار گلي آ

حـــســـن حـــســـينڻ سيد سردار ، اڻـــو يارو يـــتيمـــن يـــار
آهي سڄوهي تِن تي بار ، ڪونهي ڪا ٻئي ڪنهن جِي درڪار
هـــــن ٻـــــيڙي ۾ يـــــار هـــلـي آ

راتيان ڏينهان روح رڙي ٿو سڪ سيد ڻُنهنجي ۾ ڳري ٿو
علي محمد شاهہ سَنائي چَوي ٿو ڪونہ ڪو يار پتو پوي ٿو
هـر مشڪل ۾ مشڪل ڪُشا علي آ

يہ مولا علي دا شان هَي
جهڙا لکيا وچ قرآن هَي

دُلدُل تي هَي مولا جو آيا
جڳ سارَي وچ جنهندا سايا
جو گهمين زمين آسمان هَي

سرور نَي هَي آپ بلايا
حيدر هي جو تَنهن دم آيا
جو ڪيتس قائم نشان هَي

علي محمد شاه راز اندر دا
وڄدا هَي جو ساز صبر دا
ميڎا مرشد پاڪ اِمام هي

اَچو عشق وارا اَچو يار گڏجون
مولا جَي تہ پڙ ۾ پيا يار سڏجون

حيدر جي آ شاهِي ، جَنهن جِي آ خدائي
ڪندو پاڻ سَٽائي ، تَنهن جا پيا سڏجون

منهنجو مولا سخي آ ، جنهن لڄ رکي آ
ٻولڻ وارو پڪي آ ، ٻوليون آهن دل جون

مُون سان حيدر آ ساٿي ، ڪندو چا ٻيو پاٿي
جيئي لال سيوهاڻي ، جنهن در پيا پلجون

علي محمد شاهہ اظهار ، نعرو آ نروار
سبحان سرڪار ، جنهنجا ٻول ٻڌ تون

هـــــــڻو نـــــــــعرا ڪـي دل وارا
ٻـڌي لـــوڪ سـڄو هـــي سـارو
مُـنهنـجـي مـــــولا جـــو نـــعرو

عــرش فـــرش تـــي هـــوڪو هُليـل آ جاهـل پليـل آ
پـاڻ ٽـــو ڄاڻي پـاڻ سجاڻي ڪـونهي ڪيـس ڪو ڪارو

نـــعرو مـــولا جـــو مـلڪ هـٽن ٽـا فـلڪ هـٽن ٽـا
اِنــهيءَ ڏس ۾ اِنـــهيءَ گـس ۾ ڪـرڻـو آهـــي گذارو

عــلـي محـمـد شـاهه يار فـنـا آ وٺ در حـــيدر جـــو
ڇــڏ بي جـاني دُنيا فــاني وٺ ڪـو ســهارو دل وارو

سـردار جون پلايون هر دم پيو ٿو پانيان
هـر هـر صفت تنهنجي ثنا پيو ٿـو ڳايان

حـيدر مـون سان حامـي ، سڀ کو جنهنجو سلامي
مــون بـہ پـري غـلامـي ، تَـنهن جـو غــلام آهــيان

مــون تـي سـندس نظر آ ، مــولا جـي هــيءَ مــهر آ
سـڀ ڪنهن هـيءَ خبر آ ، ڪنهن کي چَـئي ٻـڌايان

ســردار مــون سان ساٿي ، جيئي لـعل سـيوهـاڻِي
آهـــي تـہ تـار پــاٽي ، تــارو بـہ يـار نـاهــيان

عـلي مـحـمد شـاهه آخـر ، ٿيندو نور مـولا جو ظاهـر
انــدر تــوڙي ٻـاهــر ، نــعرا پــيو لـڳايـان

مجي مولا عليءَ کي دل سان جيڪو
سمجهي جنت جو حقدار ٿيو

هر هڪ وليءَ کان پڇي ڏس
هر هڪ نبيءَ کان پڇي ڏس
مُنهنجو مولا مڙني مهندار ٿيو

پڇ خندق کان تون پڇ خيبر کان تون
پڇ اُحد کان تون پڇ بدر کان تون
مُنهنجو مولا آهي قاتلِ ڪفار ٿيو

پڇ پيرن کان تون پڇ ميرن کان تون
پڇ تلوارن کان تون پڇ تيرن کان تون
مُنهنجَي مولا جهڙو نہ ڪنهنجو ڪو وار ٿيو

ڏس علي محمد شاهہ آهي فدا
ڪندو پنجن تنن کي هميشه صدا
آهي نعرو حيدر جو نروار ٿيو

بـگڙيل مـــــــــقدر بـــنائڻ وارو
آهـــي مـــولا عـــليءَ جـــو نـــعرو

ســـين کي صلاح اِهـائي تہ آهي ، مـولا سـواءِ ٻيو چاروئي ناهـي
وٺـو يـار جلدي حـيدر جـو سـهارو

هـــر مشڪل ۾ مدد ڪري ٿو ، ولين جِي واهر جلد ڪري ٿـو
يـتـيمن غـــريبن جـــو آهـــي گذارو

جبرائيل تي ڏس ڪيائين عنايت ، جَنهن ڪي تہ پاڻ ئي ڪيائين هدايت
تون ئي تون ڪر تہ ملئي ڇوٽڪارو

نـوح نبيءَ بـہ آهـي پـڪـاريـو ، مولا جنهن جو ٻيڙو آهي تاريو
جــلدي مـلي ويو جنهن کي ڪنارو

ســردار پـاڻ بـيـنو پـــڪاري ، نادِعـلي پڙهـيو پـيو سنـياري
اُتـي بـہ تـہ جــلدي پـــهتـو آ پـلارو

عـلي مـحـمد شـاهہ آس ۾ آهـي ، مـولا پنجتن جِي پياس ۾ آهــي
اتــو حــق حــقيقي حق جــو اشــارو

جا پوک پوکيندين سائي تون لٽندين
پر پوءِ بہ رکجان ڏيان ميان

علي محمد شاھ عشق مولا ۾
اکين ڏس لامکان ميان



قدرت پاڻ ڪريم جي جو ڪيائين احسان
مَخلوق ڪل ۾ اشرف ٿي ويو انسان
مولا مُحمَّد موڪليو جنهن تي لاٿائين قرآن
علي محمد شاه سبحان ملي ويو من ۾

تيون خواهشون سڀ ختم
دل سان جنين دلبر ڏنو

هوش بہ ويا سڀ اُت اُڏي
۽ جوش بہ ٿي ويو آهي ضم
برھ جي هن بازار ۾ ؛ جيڪو آيو آسو کُٺو

قدرت مولا جي آ عجيب
هر ڪنهن جو پنهنجو آ نصيب
توڪل وارا تري ويا ؛ بار برھ جن سرسٺو

علي محمد شاھ سنسار ۾
جانچي ڏس تون جنسار ۾
واھ ورھ واپار ۾ ؛ سر ڏيڻ آهي سٺو

ڪو ڪو ڄاڻي عشق ؛ عشق نسوروئي سور
چارئي پهر پرت ۾ ؛ اٿئي هو چڪنا چور
قلب جنهن صاف ڪيو ؛ ٿيو معاف ٽنهن تان مور
علي محمد شاهه سنائي دستور آهي عشق جو نرالو

الٿي بازي عشق مولا جي
ڪير سمجهي ڪير مــيان

فـذڪُروني اَذڪُرڪُمِ آ
ڪڍ تون دل مان غيـر ميان

صورت سِر ۾ رَبّ سمايل
ساري ڪيوسين سير ميان

مــحبت جــي مـــيدان اندر
ڪڍ تون من مان مــير ميان

قدرت جي ساري عبرت آ
ڦند نــ جنهن ۾ ڦــير ميان

علي محـمد شاهه راهِ مـولا ۾
گهرنــدو رهه تــون خــير ميان

جوڳيئڙا هن جهان ۾ گهميو پيا هو گهمن
يجاهدون في سبيل الله ڪار اِهيائي ڪن
نہ رکن طلب طعام جي نہ ڪي سک ساڻ سمهن
علي محمد شاهہ رڙهيو پيا تہ رڙهن
رمزن ساڻ روح ۾

وينـــي ريـــجهايـــم روح ۾
رمـــزن سـانڍ اَللّٰـــه

عاشق ڪسيو روز ٻه روز ۽ پڙهــن قُل هُـوَ الله

اندر ٻـــيڙي اندر ســـمـنـدر ۽ منجهه تنهن ۾ ملاح

مـــحب منـهـنجو ڏسو تہ دل سان ۽ چاهي صورت ماهه

آئون تہ جانب تان گهورجي ويندس ۽ صدقو ڪـري ساهه

مـــولا قـــيامت تائين رکجائين ۽ دل جوسجڻ هي چاهه

هڪڙا لڏين پيا ٻـيا تــہ چون تا ۽ ســـانڍ اِنا للّٰـــه

عــلي مـحمد شـاهه جيئن گذري تيئن ۽ پڙهه پــيو اَلحَمدُ اللهِ

ويــــنـي جــا وٽـكـار ۾ ســا رڻ ۾ كـيـئن رهـــي
پــر كــارڻ يار پنهل جـي ويـنـي سـر سـور ســهـي
اڻ پـــڙهيــلـن ڳـولـي لـڌو پـڙهيــل كـيـئن كـهـي
عـلـي مـحـمـد شــاهه هـن ڳالهه جـي كـو رمـز لهـــي
جڏهن ڏور وڏي ڏاهي تہ اٽكل هليس كا نہ كا

عقل جي جاءِ ناهي هتي هيءُ عشق جو ميدان آ
شور شريعت طور طريقت معرفت جو مڪان آ

حيرت آهي هيءَ حقيقت ڪونہ آهي خيال ڪو
ڇا پڇين ٿو ڇا ٻڌايان جيڪو نيهن بنا نادان آ

هيءُ جهان آهي ڪهڙو ڪنهنکي پتو آ ڪونہ ڪو
جنهنکي لڳي آ تنهنکي پتو آ باقي تہ هر ڪو حيران آ

رمز رندن جي ڪو ڪو ٿو ڄاڻي عام ڪي نہ هيءَ خبر
برهہ جي هن بازار ۾ عشق سندو امتحان آ

اَندر صفائي ڪر تون پنهنجي ٻئي ۾ پلا تنهنجو آ ڇا
جيڪو ڪري ٿو سوئي ڀري ٿو مولا جو هٿ آستان آ

علي محمد شاهہ عشق مولا ۾ ڪيئي ڪنا ۽ ڪسجي ويا
راهِ حق ۾ جيڪو ايندو تنهنجو هيءُ نشان آ

رهـ رندن سـيـن رات ۾ ڏيـنـهن رمـز رک روحـانِي

ڪُل نَـفسٍ ذائـقتہُ الـمَوت ڏس آيت قـرآني

وحـدهـو لاشـريڪ لہ اِهو پـڙ راز ربـاني

لحـمڪ لحـمي ۽ جـسـمڪ جـسـمي

روحڪ روحي دمڪ دمي ۽ اهـا پـروڙج نـشاني

علي محـمد شاه عشق جي وڏي آهي ڪهاني

صحيح سر سبحاني سچي ذات سيد جي

ڏنم سري جا اَللّٰه جي گهمندي لامڪان ۾
بيشڪ آهي برابر ساري هن جهان ۾

نہ ڏڙ هيون نہ پاهون هيون
نہ ڪي ٽنگون نشان ۾

لَم يَلِد وَلَم يُولَد آ
جو ڏسئين قرآن ۾

وَحَدَهُ وَاحِدَهُ عَبۡدَهُ
نہ ڏنم گمان ۾

قُل هُو اللّٰهُ اَحد ئِي آهي
آندم جو ڏيان ۾

علي محمد شاهہ انصاف آ
پر ايندا عاشق امتحان ۾

جي رهين راز رندن سين تہ سر جو سانگو ۾ ڪر

لَاخوف عَلَيهم وَلَا هُم يحزنون سهانگو آ سفر

اِنهيءَ اُونهي اسباب جي ڪو سالڪ لهندو خبر

علي محمد شاه عشق ۾ وڏا ٿولا آهن ٿڪر

مولا آجي ڪج قبر ۽ سوڪي رڪج سڪرات ۾

بــره جي هِـن بـاھ ۾ توڪل ڪري ڪاھي پــيا
مُـوتُـو قِــبِلَل اَنت مُــوتُــو مـري وري جيئـرا تــيا

ڀهرين پڙهـياٿُـون اِهـو سـبق ، ڪياٿُـون طـمعائون ڪُـل تـرڪ
پــوءِ ڪـيـاٿُــون خـودي غـرق ، ڪـري نـيـاز نـوڙت لائي پـــيا

تــڪـڙ تــڪـبـر ڪـي تــڙي ، چـڙهـيا وجي صـبـر جي ڪـڙي
اِنّ اللّٰــــه مَـع الـصَّـابِـرين ، صـفـت اهـيا پــڙهــندا ويــا

محـبت رڪـيـاٿُـون مـــن انـدر ، ڪـو نـہ ڏٺائون مسـجـد مــندر
سـمـنـدِ اِنـهيءَ مـنـجـھ بـحـر ، اَڻ تـــارو تـــــي تـــرندا ويــا

عـــلـي مـحــمـد شــاھ مـثـال ۾ ، مــســت رهــي تـــو حـــال ۾
ونـحــن اقـــرب خــيــال ۾ ، اِنـهيءَ خـيـال ڪـي ڪـٽـنـدا ويــا

جن پاڙيو آ مولا پاڪ تي تن سويري آ چاڙهيو
ڪِن عِلم پڙهيو زبان سان ڪن قلب اندر ڪاڙهيو
ڪي رهيا سڪ جي تلاش ۾ ته ڪِن ڪي پورن آ پاڙهيو
چوي علي محمد شاهه ساڙيو مون ته آهي پنهنجو پاڻ کي

فــــراقن وڏا آهـــيون ڦــــٽي ڦــــٽي
عـــشق جـــي بازي ڪير ڪــــٽي ڪــــٽي

عـــشق ۾ يارو سانگا سيـــئي
ڦـــٽا ڪيا مـــون يار مـــڙئي
ســـر ســـوڏا ســــٽي ســــٽي

مــــــن اندر مون مچ مـــچايـــو
پـــتنگ وانگـــي پاڻ پـــچايـــو
ڪُل ڪشالا ڪــٽي ڪــٽي

دلــــبر دل ۾ دڪايـــو دونـــهون
تڏهن پرين ڪيو آهي سونـــهون
مُـــحب نـــ مـــونڪان مـــٽي مـــٽي

منـــهنجي مولا جو مٽ نـــ ڪوئي
پوري جـــهان جو چِٽ آ ســـوئي
دل ويـــو منـــهنجي لـــٽي لـــٽي

علي محـــمـــد شـــاهه عشق اِلاهِي
شـــان ســـبحان جـــو آهي شاهي
لائـــي نـــ پوئتي هـــٽي هـــٽي

آڏي ڏئي اڏ ڪيائُون ؛ ڪيائُون نہ ڪو قياس
روڙيندي راند ڪندي ڪورِيائون ويٺي ماس
شربت پياريائُون شور مان جهڙا اناس
علي محمد شاهہ آس ؛ پوري نہ ٿئي پيار ۾

هر دم ۾ آهي ٿي تات تُنهنجي
اِهائي تہ آهي ٿي لات منهنجي

هر جاءِ جلوو تنهنجو تہ آهي
اُها جاءِ ناهي جتي جلوو نہ آهي
هر جاءِ تي ٿي آصفات تنهنجي

اَللّٰه نور سمٰوات والارض آهي
مولا نپايو اسان پنهنجو فرض آهي
هن پوري جهان ۾ هيءَ ڪائنات تُنهنجي

علي محمد شاه دم گذر آ
گهڙي ڪن جو يارو هيءُ سفر آ
هي ڏينهن تُنهنجو هي رات تُنهنجي

جي پائين تہ هلان راھ رباني تہ رک رب جو راز
بنا معرفت جي ماڳ نہ ملندي نڪي ٻڌندي آواز
حقيقت ڪي بہ تڏهين ڏسندين پهرين رک مجاز
علي محمد شاھ ناز ڪندو آهي مولا پاڪ تي

مولا ڪيو منظور
حاصل ٿيندو حج اڪبري

راهه ربّاني حق حقيقت
آهيان چارئي پهر چُور

سُرت ڪائي مون ۾ ناهي
پر عجب آهي سرور

نہ ڄاڻان آئون ڪيچ ڏي ويندس
سَرتين سان پرپور

علي محمد شاهه نيهن نشي ۾
برابر آهي ٿيو مخمور

آيـو عشق آهي ڏس چا پيو ڳالهائي
آهي جيڪو مـومن سو نـعرو لڳائي

هـٽي نـعرو ڏس تون ، چڙهي ويندين گس تـون
آهي مـولا جي وس ۾ ، ناهين پنهنجي وس تـون
وٺ نـام حـــيدر جـو جـيڪو تـــوڙ پـڄائـي

آهــي ڏس هـــيءَ عبرت ، ڪنهن جـي آ قـــدرت
غـافل ڇڏ تـــون غفلت ، ڪاءُ تون هـــيءَ حـيرت
ڏس هـــر جـاءِ مــــولا پـــيو حڪم هـلائـي

ڇـڏ سـيٽ سڪٽي ڪــانهي جاءِ ڪنهن جـي
چـو مـــنڌو آهين پائُـو ڪري منهنجي منهنجي
اڳيان هـــر ڪو پـنهنـجي پـاڻ جـان ڇـڏائـي

عـــلـي مـحـــمـد شـاه هِــتي چـا تــون اڏيـــندين
هِــــتي ئِـــي اڏي تـــون هِــــتي ئـــي ڇڏيـندين
ڪڻ اُهـــو ڪـو ثـمر جيڪو هُتي هـلي رسـائـي

اِهـــا سمجھ نہ آئي مـــون کي اجا
ڪٿي گڏ آهين ڪٿي ٿئين تون جدا

ڪريان ذڪر تنهـنجو وجـي فـڪر هـليـو
جيـڪي مـون ٿي گھريو سو مـون کي مـليـو
اِهـا اڳي ئـي هـئي منهنجي مـن جـي صـدا

هـــــر دم آهـــــــي دل درد انـــــــدر
پـــــر درد بہ هوندو ڪنهن مـرد انـــــــدر
واھ ڪيل هــــي آهــــي تـــــو خلقـيو خـــدا

ڏنـــــم قـــــدرت تـــنهـنجـي نـــــرالي آ
هـــــر ڪو در تنهنجي جـــو ســـوالي آ
هــــجي شـــــاھ پـــلي يـــا ڪو گـــدا

عـــلـــي مـحـــمـــد شـــــاھ هـــيءُ بـازي آ
جـــنـــهن ۾ مـــــــولا پاڪ راضي آ
ڪريان ڪُل ئـــي ڪُل تـــوتان فـــدا

اهڙو جوڳي آيو آ ، اهڙو سامي آيو آ
رنگ جنهن تہ رچايو آ ، مچ جنهن تہ مچايو آ

مرليون ناد نفيلون وڄائي
نانگ جنهن تہ ريجهايو آ

عشق جي الفي پائي جوڳي
نيهن جنهن تہ نچايو آ

وحدت وارو نغارو وڄائي
قلبي قرب ڪمايو آ

برھ جي باھ ۾ جلي جوڳي
پاڻ جنهن تہ پچايو آ

علي محمد شاھ عشق حسيني
برھ جنهن تہ بچايو آ

تنهنجو خالي پلي مون سان خار آهي
منهنجو مولا مون سان مددگار آهي

نہ ڪنهن کي رولــيون، نہ ڪنهن کي رنجايون
نہ ڪنهن سان وڙهون ، نہ ڪنهن کي ستايون
حيدر سخي اسان جو سرڪار آهي

نہ ڪنهن کي چوريون ، نہ ڪنهن کي ورغلايون
اهي مون تي مولا جون آهن پلايون
منهنجو آهي مولا سو سردار آهي

سڀ جو پلو گهرڻ وارا آهيون
نہ ڪنهن جو مال ملڪيت ڦرڻ وارا آهيون
اسان کي ڏئي پيو جو ڏاتار آهي

علي محمد شاهہ يار سدائين پيو چوندو
غم حسينيءَ ۾ سدا پيو روئندو
مولا ملايو سو مهندار آهي

اُتي اَلف سان اور
تون چرخو ويهي چور

ڪڏهن قلندر ڪڏهن پثائي
ڪڏهن نوراني نور

قلب اندر ۾ ڪعبو بٽائي
ذڪر ڪر تون زور

راهه رباني حق حقاني
اِهو سبگو ويهي سور

من اندر ۾ مچ مچائي
ڪر عاشقن واري ثور

علي محمد شاهه راهِ مولا ۾
تون ڏوريو ويني ڏور

آئون تہ ڪجھ نہ ڄاڻان
ڄاڻي تہ مولا پاڪ تو

سينو ڪھڙو مان ساھيان
اچي نظر مون تہ اِمام تو

عِلِم الغيب ھُو پاڻ آ
پاڻ ئِي ڄاڻي غيب تو

مالڪ آھي لولاڪ جو
ڄاڻان لاشريڪ لاريب تو

ونحن اقرب پاڻ ٿيو
اھو ڏسي تہ پاڪ قرآن تو

علي محمد شاھ تہ اڻ ڄاڻ آ
مولا غيبي علم ڄاڻي پاڻ تو

باه برھ جي آمون ٻاري

حال حقيقت پوري پرينءَ کي
معلومات آهي ساري

عشق حقيقي اوج تي نيڙو
ڪج منا ڪا پوءِ واري

در حيدر تي منهنجي هميشه
آهي هر دم توبھ زاري

علي محمد شاھ حق حقيقت
يار نياءِ تون ياري

بس مون کي تہ تنھنجو نام کپي
ھر جاءِ حاظر مولا امام کپي

نہ کا ڳالھ وڻي نہ کي طعام وڻي
نہ ئي سک ٿو وڻي نہ آرام وڻي
نہ جو حلال آھي نہ اھو حرام کپي

ڏنم ھر جاءِ حاظر تون آھين
اُھا جڳھ ئي نہ آ جت تون نہ آھين
ھن نفس نياڳي کي لغام کپي

وائي وات منھنجي ناھي تات کنھنجي
اِھائي تہ آھي ٿي لات منھنجي
مون کي نہ ئي کنھنجو کو انعام کپي

علي محمد شاھ ٿي انتظاري آھي
مولا عشق تنھنجي ۾ ٿي بھاري آھي
پر ھر جاءِ تنھنجو ٿو احترام کپي

جاڳي جاڳي جن بہ ڏٺو آ
دلبر جي ديدار ۾

محبت رکي من ۾
گھميا سي اسرار ۾

عشق جنين جو قوت آهي
آيا سي اظهار ۾

دل سان دلبر جن بہ ڏٺو آ
سي ڇا ڄاڻن سينگار ۾

جن جو نيهن نشو آهي
سي تہ هر دم خمار ۾

علي محمد شاهہ جاڳ تون
پوءِ جانچي ڏس جنسار ۾

پرين پنهنجو سمجھ نہ ڏور
هي عشق سندو دستور

دنيا وارا ڪن ٿا تماشا
پر هي کھڙو ڪلور

ڪنهن کي ڏوھ ڏئي
ڪنهن کي ڏوھ ڏيان
پنهنجو پايان قصور

راھ حقيقي راھ رباني
مجٽي پوندئي ضرور

وَحَدهُ لَا شَرِيڪَ لہُ
جو پلي ڪري سو غرور

علي محمد شاھ عشق اِلاهي
منجھ ٿيو پرپور

خـــيال ۾ رهہ تـــون خـــيال ســـمائي
هـــن خيال جي صـــورت خيال ۾ آهي

ونحـــن اَقـــرب جانـــچي ڏس تـــون
ڏس هـــر جاءِ مـــولا پيو حڪم هـلائي

ڪُل شَـــيءٍ قـــدِيَر پاڻ هُـــو آهـــي
ڏس هر ڪنهن کي مـولا پيو رزق رسائي

وَحَـــــدَهُ لَا شَـــرِيـــڪَ لَـــــهُ آ
ڏس فـــائـق ۾ پـيو ٿـو مـولا فـــرمائي

عـــلي مـحــمـد شـــاهہ هِـي راز اِلاهـــي
محـشر ۾ مـــولا مُحمَّد ﷺ مـــلائي

سـر صحيح سبــحان
ٻڄي آيـو آهي انــسان

وڻ ٽــڻ ۾ آهــي پاڻ سـمـايـل
آئون حـيرت ۾ حـيران

پـــاڻ قـــلـندر پـــاڻ پـــتائي
پـــاڻ ئـي آهي قـــرآن

سندس ئي قدرت سندس ئي عبرت
اَعــلىٰ سندس آ شـــان

سُبحان رَبّ العَلىٰ سُبحان رَبّ العَظَيم
سجدي رڪوع ۾ بـيان

عــلي مـحـمد شاھ نيهن وارن جــو
آهــي پاڪ نـــشان

صـــورت جـــو سبحان
پـاڻ ڏسـڻ آيـو پـنهـنجو تـماشـو

ڪـتي وزيـــر پـيو ٿـــو سـڏائي
ڪـتي بـڻيو آ دربـــان

سـوين سـوين ساز سـرور تـماشا
ڪـتي بـڻيو آ رحــمان

جــهنگن جـهرن ۾ وڻـــن ٽـــڻن ۾
اَعليٰ آهي تُنهنجو شــان

علي مـحـمد شاهه نيهن وارن جـــو
قـــائـم آهـــي نـــشان

عشق وارن کي ڏسو ڪيئن ٿا گذارين راتيون
برھ جي ھن باھ ۾ نيون نيون ڪن لاتيون

دُنيا ساري ننڊ ۾ آ ، ڪنھن کي خبرئي ڪا نہ ڪا
جنھن کي لڳي آ تنھن کي پتو آ پيا تہ ڪن ٿا باتيون

عشق وارن جي حقيقت ساڻ تن آھي طريقت
واھ واھ ڏس شريعت معرفت جون ڪاتيون

سُرھا رھن ٿا ھُو سدا مولا حيدر جي در جا گدا
سِر ڏين ٿا راھِ خدا چنيو چڏين ٿا چاتيون

علي محمد شاھ آ نشو ھر دم مولا جي نيھن جو
مولا جي آ قدرت اعليٰ طرحين طرحين ڪن تاتيون

خبر ناهي ڇاهي مُنهنجَي نصيبن ۾
ڪنيو نيڻ نِهاريان پيو عجيبن ۾

هي برهه وڏو ڪو بار آهي جنهن اندر ڪيو آزار آهي
جنهن ڏيکاريو سارو سنسار آهي شل ترس پوي تن طبيبن ۾

هي عشق سندو ڪو راز آهي جنهن اندر ناهيو پنهنجو ساز آهي
سڄو ناز سندس ڪو انداز آهي جو فرق پوي تن قريبن ۾

پيو اندر ۾ آڙاهه ٻري سواءِ مولا جي منهنجِي ڪا نہ سري
ويو اهڙي طرح هينئون هٿ ڪري جو گهڙي ٻہ گهاريان ٿو رقيبن ۾

علي محمد شاهه ڪئي آزي آ هي عشق سندي ڪا بازي آ
جنهن ۾ مولا پاڻ ٿيو رازي آ تنهنڪي شامل ڪيائين غريبن ۾

غافل ٿي بندا ڪين گذار
پنهنجو پاڻ منجهه نهار

هر دم رهجان حق ۾ حاضر
نفس ندوري کي تون مار

ياد ڪرين تون هر دم هميشه
حق جي وائي سا تون وار

ساعت هڪڙي ياد رکين تون
ٻيون تہ ساعتون سڀ وسار

حق جي سامهون رهجان هميشه
دلين جو تون ٿي دلدار

علي محمد شاهه عشق مولا ۾
ويهي وڃاءِ تون ساري ڄمار

رهـــين تـــو عشق مـــولا ۾
تـــ ڏکن مـــنجـهہ رهـــڻو پـــــونـدئـــي

ڏکن ساٿي ناهي ڪوئي ، سُکن ساٿي آ هر ڪوئي
ڪونهي ڪنهن ۾ ڪا همدردي ؛ پر اِنهيءَ همدرديءَ منجهہ رهڻو پوندئي

ڏکن ســاڻ مـنهنجي ياري مـولا ڄاڻي عمر ســاري
ڪونهي ڪنهنجو ڪو غـم خواري پر اِنهيءَ غـم منجهہ رهڻو پـوندئي

سچن مٿان ڪيئي سختيون اچن پيون هميشه ڪان
سـهي سڀ سـور سختيون سر تي پر سورن منجهہ رهـڻو پـــوندئي

ڏيـن مـــهڻا هـــڻن طعنا تـيئن پـايـان ڳل ڳانا
واهہ ڙي واهہ اي زمـــانا پـــر اِنـهيءَ زمـــاني منـجهہ رهـڻو پـــوندئي

علي محـمد شاهہ هر دم پنجن ٻارهن جـو رکج غم
دم ســـاڻ مـــلائج دم پـــر اِنـهيءَ دم مـــنجهہ رهـــڻو پـــــوندئي

ڪنهِن تہ بِتي آهي ٻاري
اکين مان آب جاري

دنيا ساري ڪري ٿي سجدا
ڪنهن غفلت ۾ گذاري

ثابت صحيح پوري سلامت
ڪنهن زندگي آهي گذاري

منهنجو تہ مولا آهي آيو
سمجهہ حقيقت ساري

عشق مولا تنهنجو ثابت
منهنجي تہ زاري زاري

علي محمد شاهہ کي
پريت مان ڪنهن تہ پياري

ڪجهه گذري وئي آ ڪجهه گذري ويندي
عمر نيٺ پنهنجي اچي پوري ٿيندي

عشق آهي آفت سمجهه صداقت
اَوَّل سِڪ شرافت نيائي نيٺ ويندي

هيءُ راز ربّاني شمع نوراني
جلوو سبحاني شمع جلي نيٺ ويندي

دنيا سارو سور شل نه ٿئي مجبور
پنهنجو پاڻ مذڪور ڪاوڙ مري نيٺ ويندي

مولا جي عنايت جنهن کي ٿئي هدايت
حيدر جي حمايت ملي نيٺ ويندي

علي محمد شاهه راز ڄاڻي لعل شهباز
عشق حقيقي يا مجاز منزل ملي نيٺ ويندي

نيهن نيو آ مون ؛ مولا تون ئي تون

وجين پهتاسين ويجهڙو
جت پيٽي نہ ڪا پون

اِهدنا الصراط المُستقيم وارو
رستو هادي ڏسيو سون

لَم يَلِد وَلَم يُولَدِ آ
اِهو سيئي سمجهيو سون

علي محمد شاهہ راز حيدر جو
مليو اِمام منجهئُون

ٻـــڌ دل ســندو داســتـــان
جـي يـقين نـہ اچـئي تـہ ڪول قــرآن

لَـــــم يَـلِـــد وَلَـــم يُـولَــــــد آ
اِهـــيو فـــرمايـــو فـــرقان

ڪُل شَـــيءٍ قـــدِيَر پـاڻ هـــو آهـــي
پـــاڻ ئـــــــي آ نـگـهـبانَ

ڪـن فـــيـڪـون پـــاڻ چـــيائـــين
جـــوڙيـائـين جـڳ جــهان

عــلـي محــمـد شاھ مــرد مـــولا آهـــي
تـــون ٿـــي ڏس تـہ مســتان

وحدت ۾ وياسين وڃي ، هي جيئڻ آهي تہ ڪهڙو
جيئڻ آهي پيئڻ سان ، هي پيئڻ آهي تہ ڪهڙو

ورد هليو اندر ۾ ، ثابت صحيح ثنا ڪر
پنهنجو پاڻ کي فنا ڪر ، هي فنا ٿيڻ آهي تہ ڪهڙو

ذڪر ڪيم جو ذاتي ، صورت منجھ صفاتي
پاتم اندر ۾ جهاتي ، باقي بيان آهي تہ ڪهڙو

ڪنهن کي پيو تون ڳولين ، پنهنجو پاڻ کي ٿو رولين
پنهنجو پاڻ پيو تون ٻولين ، هي ٻولڻ آهي تہ ڪهڙو

علي محمد شاهہ صفات ۾ ، جانچي ڏس تون ذات ۾
آئي سِري جا ڪات ۾ ، پر هي ڪسڻ آهي تہ ڪهڙو

وحدت وارو نغارو وڄائي
ريجهايم رانجهو يار

لعنت جو طوق ڪٽي
سِرف پرچايو مون پنهنجو يار

هڪ هڪوئي ڄاڻ تون بندا
ٻيائي آهي بيڪار

علي الله آهي مظهرالعجائب
ڪولي ڏس قرآن يار

مُحمَّد ﷺ لاءِ هيءُ جهان آهي پيدا
جنهن ۾ وٿي ناهي وار

علي محمد شاهه در پرين جو
جنهنجو ڪريان ديدار يار

عشق عقل جي لڙائي
لڳي وئي آهي

عقل چوي تو ڪر ڪا اٽڪل
عشق چوي تو منهنجي آ توڪل
پنهنجو ناهه تہ تيڻوئي ناهي

عقل چوي تو تيان تونگر
عشق چوي تو آءُ تہ گداگر
منهنجي تونگري ناهي

عقل چوي تو ڪريان بادشاهي
عشق چوي تو منهنجي آ گدائي
منهنجو بادشاهيءَ ۾ چاهي

عقل چيو نيٺ تون مرشد منهنجو
عشق چيو هت وس ناهي ڪنهنجو
چئي علي محمد شاهه ٻڌائي

هن موج مستيءَ جي اندر آهن سيئي حيران ٿيا
عشق پـڙهايا آهن جيڪي تن جا وجي آستان ٿيا

ڏس آدم سان ڪيئن ڪيائين ، ڇڪي جنت مان ٻاهر ڪڍيائين
وري ٿنهنجِي توبهہ قبوليائين ، مـلائڪ بہ پـريشان ٿـيا

ڏس ابــراهــيم ڪي ڪـيئن آڙاهہ ڏي مــوڪلي چڙهيائين
وري اُن جـي واهـر ڪيائين ، باهـن مـان بـوسـتان ٿـيا

ڏس مــوسيٰ طــور تـــي ، جلوو ڏنـو هـو نـور جـو
بـــرهہ ڏســي بيهوش ٿـيو ، جـلي جـبل جـولان ٿـيا

بغير پيءُ جي عيسيٰ ڪيائين ، واري تنهنکي نـبي ڪيائين
وري انـهيءَ کي گم ڪيائين ، ڪٽـي مـــتي آسـمان ويـا

عـلي محمد شـاهہ عشق ۾ ، ڪئين مٿي سوليءَ چڙهـيا
اُتـي بہ تـن ٿـي پـڙهـيا ، صحيح اڪـر قــرآن جـا

هي راز ربّي جَي تون سمجهين نٿو
تہ فضول ڳالهائڻ جو کھڙو آ کم

هِتي سِر ڌڙ جِي لڳي بازي آ
جنهن ۾ مولا پاڻ ئي راضي آ
ڏسيو اندر ۾ وينل قاضي آ
باقي وسوسو ڪرڻ جو کھڙو آ ڪم

هي خاص خيال جي سمجهين تون
تہ ڌوڙ مٿيءَ ۾ وهنجين تون
هن وحدت ۾ جي رهجين تون
ڪنهن سان ناحق ڪرڻ جو کھڙو آ ڪم

علي محمد شاھ هي هڪ راز آهي
وڳو اندر ئي اندر ۾ ڪو ساز آهي
تہ ڏهن تہ مولا تي وڏو ناز آهي
ڪندو پاڻ سخي هو پنهنجو ڪرم

هــي مــولا سـندو اٿئي جهان ميـــان
جـيڪو ڪري ٿــو سوئي پــري ٿــو

ڪُل شَـيءٍ قــدِيَر پـــاڻ هُـــو آهـــي
اِهـــو ڏســيو پاڪ قـــرآن ميـــان

وَحَـــدَهُ لَاشَـــرِيـڪَ لـــــهُ آ
اِهــــو آ مـــنهنجو ايمـــان مـــيان

لَـــمر يَـلِــدِ وَلُـــمر يُـــولَــــد آ
اِهـــــو فـــائق ۾ فـــرمـــان مـــيان

جـــا پوڪ پوڪيندين سائي تون لــڻندين
پـــر پـــوءِ ٻـ رڪجان ڏيـان مـــيان

عــلي محـمد شـاه عـشق مـــولا ۾
اڪـيـن ڏس لامـــڪـان مـــيـــان

اٿـــئي عـــشق جـو درياءُ ، تـــار اِنـــهيءَ ۾ تـــرڙـــو آ

ڪشتي پـراڻي آهي ڪُن ۾ ، مــنزل رک تـــون تَـن مَـن ۾
جانچي نـهارج جـوءِ جن ۾ ، واپـــس جـــتان نـــہ ورڙـــو آ

مـگرمڇ بلائـــون ڪيڏيـون ، رهـن تَـنهن ۾سپ هڪ جيڏيـون
تيڏيون سيڏيون سپ ايـنديون ، ڪُـن اِنهيءَ ڪان نـــہ ڦـرڙـــو آ

درياءُ وڏو ڪـائي تـــو ڏڏڪـا، ڏورڻُـون ڏئـي پـيو دڙڪـا
اَٿئي اِنهيءَ ۾ ڪئي تہ جهٽڪا، پر جهٽڪن ۾ ئــي مـرڙــو آ

عـــلـي مـحـمد شـاهـ آهــي هـــــر دم ســوز عـــشق ۾
جـانچي ڏس تـون خشـڪ ۾ ، ســـاهـ ســواءِ نـــہ سُـــرڙـــو آ

چاڪُٺون ويني مون کي پلائي
مُنهنجو حال هيُ توتائين آهي

منهنجو عرض هيُ آهي هر دم
توکان سواءِ ٻيو سائين نہ آهي

صحيح سڄاتو جنهن بہ آ توکي
طالب تنهنجو سو سدائين آهي

کَهل ڪر ڪا منٺڙا مون تي
تنهنجي هميشہ مٺائين آهي

علي محمد شاھ در پرين جي
درد مند هيُ دانهين آهي

دل ۾ تـہ منهنجي دلبر ديرو آهي ڄمايـو
تڏهن تـہ حال هيٺو پنهنجو آهـي ٻـڌايـو

پـهرين پـيار ڏئـي پـوءِ پنهنجو مـونکي بنايـو
غـيرن کان هـي چوايو ، هر هر مونکي سـتايـو

هـر روز مـونکي محفل نـظر اچـي رهـي آهـي
پـر ڇا هُـئي گلشن جنهن تي مـونکي سيکاريـو

مـونکي خـبر نـاهي منهنجـي مقـدر ۾ ڇاهـي
اڄ ڪلهہ هـن دل بـہ صـدمـو آهـي سهايـو

آڏو هـر دم مـان آهـيان اِنـهيءَ سـوز عـشق ۾
پـنهنجـن پـراون کان سـبق آهـي مـون پـرايـو

عـلـي محـمـد شـاهہ آيـو مـولا صـبر ڪـرايـو
مـولا علي جـو آهـي سايـو سـندس ئي آهـي رايـو

هــــر دم ۾ تنهنجي ٿي ياد آهـــي
اِهــائـي تـہ منهنجي ٿي لات آهـــي

پـــتو ڪــو نـــہ پـــيڙو انــت تــنهــنجـو جــانـــي
ڏنـــم ڪــو نـــہ دنـــيا ۾ تنهنجو ڪــو ثــانـــي
اِهـــا ڳالهہ حـقيقت ســا رات آهـــي

هـــــر روز تـــنهــنجــون رهـــاڻــيون ٿـــــو ڳايـان
کهڙيون کهڙيون تنهنجون کهاڻيون مان ڳايان
حقيقت جـي ظاهر ٿـي ڪائنات آهـي

عــلـي مـحـــمـد شـــــاهہ ٿـــي انــتظاري آهـــي
مــــولا عــشق تـنهنجي ۾ ٿــي بــيقراري آهـــي
هـر جاءِ تي تنهنجي ٿـي صفات آهـي

آهي ڳالهہ سچي ڳڻ ڳائڻ جي
لائي تہ توڙ نڀائڻ جي

هيءُ نسورو نيهن آهي
جنهن ۾ رات نہ ئي کو ڏينهن آهي
جنهن کي نظر نہ گدڙ کو شينهن آهي
پر آهي حقيقت دل لائڻ جي

هيءُ راز رندن جو ڏس آهي ربي
جيڪا ڳالهہ هوندي سائي تہ ڪبي
هيءَ رمز رندن جي ڏس تون پلي
ناهي ڳالهہ ڪائي ڪا ڪائڻ جي

علي محمد شاهہ اِهيو ظاهر آ
مولا هر جڳهہ تي حاضر آ
ڏس اندر توڙي ٻاهر آ
آهي سمجهہ سچي سمجهائڻ جي

ڪٿي مدينو ڪٿي آ ڪربل
اَعليٰ جنهنجو شان آهيان

علي محمد شاهه اِسم اِلاهِي
ناطق ٿيو قرآن آهيان



جاني هن جهان ۾ سڄا سارا سور
ٻبريون وڏي ٻبر ٿيا جهلي مٿي ٻور
پلٿيا فٿ فراق جا ٻيا پورن مٿان پور
علي محمد شاهہ مذڪور حال ڪٹي هيٹو ڪيو

حال ڪري هيٹو جڏهن ڪئي سون فقيري
تہ من ڪنت مولا فهٰذا علي مولا ڏس دستگيري
حيدر پاک جي راضي ٿئي تہ ملڪ سڄو ڪشميري
علي محمَّد شاهہ چيو نصيري عليءَ سواءِ نہ اَللهٰ ٻيو

سورن مون کي سبق ڏنو آ
پورن مان مون آهي پرايو

اوريندي مون ورھ گذاريا
پر سور اجا بہ يار سوايو

ھر دم حال آھيم ھيٺو
مون کي نہ راھ کان رنڊايو

ساٿ سمورو ھي منھنجو ناھي
مون کي ڇو ٿا يار پلايو

حق حقيقت مولا مون سان
اوھان تہ ڪٿي آ يار وڃايو

علي محمد شاھ راھ مولا ۾
مچ تہ مون آھي يار مچايو

چاهي گدڙ ٿي هلــين تون ، چاهي هلين تون ٻڄي شير
پر هڪ ڏينهن اُهو بہ ايندو ، ٿـــيندين مٽيءَ جـــو ڍير
ڇڏ تــون آڪڙ اجائي پائو ، ڪڍي ڇڏ قلب مـــان غير
وٺ نام مــولا جو تہ ٿيئي سَٽائي ڪڍ مدائيءَ وارو مير
علي محمد شاھ سـير ، ڪندو رھ تــون رمــز ۾

صورت جو ڪر سير ميان
هادي اسان جو راهه آهي رهبر

انڌن اونداهي لڌي جا سويري
رکي آلِ عليءَ سان وير ميان

حسد ٻيائي ڪم ڪا نه ايندئي
ڪڍ تون قلب مان غير ميان

تڪڙ تڪبر طمع ڪا نه هلندي
تن انڌن چوندو ڪير ميان

علي محمد شاهه پانڌي پرينءَ جو
ويني ڪڻان يار پير ميان

بي اخلاق جي بات کان پڇي ٿجان پري
منهن ڪري ڪعبي ڏانهن وري ٻيا خيال ڪري
سو ڪيئن وري جو ارڪان اٿس ڪي نہ ڪي

ارڪان اٿس ڪي نہ ڪي نڪي اٿس ڏپ
اهڙن ماڻهن ڪي سيد چئي نہ اچي ڪڏهن تپ
جي قري اچين تپ تہ گاريون ڏيندا اللّٰه ڪي

ارڪان هجيس ڪي نہ ڪي نڪي هجيس ادب
اُنهيءَ جَي ڳالهائڻ ڪان اڪين ۾ وجهجي ڏپ
چوي علي محمد شاھ ڏئي اُنهيءَ ڪي لب
لڪي وججي لوڪ ڪان

سر سوليءَ تي چڙهنداسين
پر حق حقيقت پڙهنداسين

ڪوڙ ظلم جي خلاف آهيون
ظالم سان اسين لڙنداسين

پوري جهان جو مالڪ مولا
ڳولي اسين سو لهنداسين

ڪنهن جو ڏوهه ڪوئي ناهي
ڪاڙهي اِنهيءَ ۾ ڪڙهنداسين

فاذڪروني اذڪرڪم آ
فرمان اِنهيءَ تي هلنداسين

علي محمد شاهه انت بحر ۾
نيٺ ته هيٺ لهنداسين

آسرو رک اَللّٰه ۾ دوستن جو ناهي کم

مٺ مائٺ ويتر وڏائيندا آهن غم

چوي علي محمد شاھ وهم

لاھ تہ پسين پرين کي

هــــن تـــہ جـــهان ۾ جـــيـئڻ جنجال آ
اهــڙي جـــيئڻ کان ڪچي ويـــو خـــيال آ

هــڪڙا سر جـا سور ۾ ٻيا پلٽيا پـــور
ڪري حـــال هـيٽا ڪـيـئي ٻـٽيا مجـبور
ساعت گھڙي بہ هاڻي سمجهان ٿو تہ سال آ

هــڪــڙيــون گلائُــون ۾ ٻــيـون دغــائـون
ڪري ڪيتريون ڪندي ڪنهن سان وفائون
وفــا جــو تـہ هـــاڻي يارو مــــلڻ مـحال آ

عــلي محـمد شاهہ چئي چـونـدين ڪنهن کي
وٺ واٽ وندر جي ڳولي لهُ تـون تنهن کي
هــڪڙو پيرو وري مـــولا ملڻ جـو سـوال آ

هاديءَ جـــي هدايت تـــي رک پـــورو اعتـــماد
فذڪُروني اَذڪُرڪُم آ ۽ اِهيو مالڪ ڏنـو آهي داد
چوي علي محمد شاهہ جهاد ۽ هر دم آهي حق جو

حق سچ تہ اسان کي چوڻو آ
چو جو اڄ يا سياڻي مرڻو آ

اڄ ظلم وڌي ويو يار وڏو
هر جاءِ تي ڏسان ٿو فساد ڦڏو
بي ڏوهہ نہ ڪنهن سان وڙهڻو آ

ويو رسم رواج آ يار وڌي
اِها خبر تہ مون آهي هاڻي لڌي
حق سچ کي تہ ظاهر ڪرڻو آ

ڪنن هوندي ٻوڙا ۽ اکين هوندي انڌا
زبان هوندي گونگا ۽ اهي ڪهڙا ڏنڌا
هي قول قرآني بہ ڏسڻو آ

هي تخم سندو تاثير آهي
پر صحبت جو وڏو اثر آهي
منهنجو لکيو نہ ڪنهن ڏي لهڻو آ

علي محمد شاهہ حق ظاهر آ
سچ هميشه ڪان ٿيو صابر آ
هي سور صبر سان سهڻو آ

نا ڪنهن دا خوف اسان ڪون
نا ڪنهن ڪنون اسان ڏردي هون

ذڪر مولا دا قوت اسان ڏا
خالي اِهوئي چردي هون

هر دم اسان ڪون حب حيدر دِي
نال اُهِين دَي هلدي هون

دل وچ سهڻا سائين جو رهندا
نا اُهِين ڪون پلدي هون

دلبر ڪون هي سجدا ڪيتا
دم دم جنهن ڪون نمدي هون

نا ڪنهن دي نال بغض اسان ڪون
نا ڪنهن دي اتي سڙدي هون

علي محمد شاه صبر ڪمايا
نال صبر دَي هلدي هون

دم دم ديـــدار آهـــي دنـــيا آزار آهـــي

هر جاءِ تي حڪومت حيدر جي هلي آ
اڄ بـ انـتظار آهـــي

صـحـيح سـجاتم جـو سـپرين
جـو هئين جو هار آهـي

پاتـــم حـــال وســـيلا
جو سمجهيم سينگار آهي

جـــلوو پـــسي جـــانب جـــو
دل بـــيـــقرار آهـــي

آهـــــي هـــيءَ حـــقيقت
منـهنجو منٺار يار آهـي

جـــنهن بـ ڏٺـــو آ دل ســـان
ســو تـ گرفتار آهـــي

عـــلي مـحـمد شـاه حـاظر ڏس
مـــولا جـلوي دار آهـي

پنهنجو پاڻ پلبو ڪنهن ڪي ڪين جلهبو
دل جو سور دل ۾ ڪنهن سان ڪين سلبو

واهه واهه مولا تنهنجي آ قدرت
هر جاءِ تي مون ڏٺي آهي عبرت
وٺي وئي آ حيرت هر حال هلبو

هر دم مولا توکي پيو سنڀاريان
ڀلا ڳالهه دل تان اِها ڪيئن وساريان
غمن ۾ گذاريان غمن ۾ ئي رهبو

تصور تنهنجو سيني ۾ سمايان
عشق تنهنجو مولا دل ۾ مچايان
پنهنجو پاڻ پچايان پچڻ لاءِ پچبو

علي محمد شاهه سچو نيهن آهي
مرڻو تہ نيٺ هڪ ڏينهن آهي
ڪاتيءَ هيٺان ڪنڌ ڪي ڪڏهن ڪين ڪڍبو

پاڻ ئي لهندو سار
مون ۾ هلڻ جي حاجت ناهي

ڪونهي ڪم ڪنواٽن جو هتي
باري ڪڻندا بار

فاذڪروني اذڪرڪم آ
اِهي ڏنائين پار

ملڪان ملڪ ٻولي اِهائي
تنهنجي تند تنوار

علي محمد شاهه عشق مولا ۾
چڙهي ويا ڪي خمار

حياتيءَ تي بانور هرگز نہ آهي
خبر ناهي مولا ڪڏهن ٿو گهرائي

سڀي عمر ساري ڪئي مون آ زاري
ڪندو پوءِ واري منزل آ پاري
ساري حقيقت جنهنڪي معلوم آهي

دنيا ۾ گذر آ عجب هيءُ سفر آ
سورن سان پريل هي سارو ڪکر آ
ويندس يار آخر سر تي وسائي

هلڻو تہ هر ڪنهنکي هڪ ڏينهن آهي
پوءِ ڇا جو پلا هي تڪبر آهي
تڪبر دنيا تي ڪرڻ نہ جڳائي

علي محمد شاهہ حق حقيقت
ڏس شريعت ڏس طريقت
معرفت ۾ پيو مولا ملائي

خبر ناهي يارو مقدر ۾ چاهي
کيو جيڪي مولا سو منظور آهي

ڪڏهن پوش پارائي مولا پيو گهمائي
ڪڏهن ڏوڙ لڳن ۾ ٿيو دستور آهي

ڪڏهن پيو ڪلائي ڪڏهن پيو رئاڙي
ڪڏهن خوش خلق ۾ ڪو مجبور آهي

ڪڏهن آ عبادت ڪڏهن آ شهادت
نيت تہ ٿيٺو ظهور آهي

ڪڏهن مولا تاري ڪڏهن مولا ماري
تڏهن حال حقيقت ۾ ٿيو مشهور آهي

علي محمد شاهہ حامي ٿيندئي حيدر
وٺ راهہ رباني نور ئي نور آهي

سچ سولـيءَ تـي چڙهـندو آ
پـر حـق حـقيقت پـڙهـندو آ

سچ سـدائين سَـرهـو آ
ائين نـ سمجھ تـ ڪو اَرهـو آ
سچ تـوڪل جـو تُـرهـو آ
جيڪو تـار اِنـهيءَ مـان تـرندو آ

سچ سـاڻ مـحـبت جـنهنجي آ
سـمجھ منزل اُنهيءَ لاءِ سـنهجي آ
هِـتي تـ تـنهنجي يـا منهـنجي آ
پـر اڳـتي اڪيلـو هـلـندو آ

عـلي محـمد شاهه سـچ چـوڻـو آ
چـو جـو آخر هڪ ڏيـنهن هـلڻو آ
هـن ڪـوڙي زمـاني مـان لـڏڻـو آ
هتي ڪندو تڪبر جيڪو سو ڪرندو آ

پنهنجي قدرت پاڻ ئي ڄاڻي
آئون تہ حيرت ۾ حيران آهيان

ڪٿي جهنگل آ ڪٿي منگل آ
ڪٿي تہ بيابان آهيان

ڪنهن مهل خوش هن خلق سان آهيان
ڪنهن مهل پريشان آهيان

ڪٿي رهان ٿو صبر شڪر ۾
ڪٿي تہ وڏو گهمسان آهيان

ڪٿي تہ محب مومنن لاءِ
غازيءَ جو نشان آهيان

ڪٿي مدينو ڪٿي آ ڪربل
اَعليٰ جنهنجو شان آهيان

علي محمد شاهہ اِسم اِلاهِي
ناطق ٿيو قرآن آهيان

ڪو نہ ڪيو ڪنهن مـنا سـر سڄڻ تـان فــدا

هرڪو پيو ڳالهيون ڪري ، پر ڳالهائڻ مان ڪجهہ نہ وري
پئي هـر ڪنهن جي سائٿ سري ، شهنشاهہ يا ڪو گدا

ڪير ڪندو تَنهنجي پچر ، جنهن ڪي ناهي ڪا خـبر
پـر لـڪيل آهـن لوح اڪر تہ هڪ مُحمَّد ﷺ هڪ خــدا

ڏس ڏنــو سـر حـسين آ ، جــو مــالــڪ ڪونين آ
واهہ واهہ ســيد ثـقـلـين آ ، جَنهنجو سـر ڏڙ ڪان جــدا

علي محـمد شاهہ سبحان آهي ، جنهن جو شاهد قرآن آهي
اَعليٰ سندس ٿيو شان آهي ، تَنهنجي صفت تــون ڪر اَدا

لک حمد پڙهان ٿو صبح ۽ شام
منهنجو مولا آهي حق جو اِمام

ورد آهي منهنجي وجود اندر
ثابت سر صحيح سجود اندر
هر دم آهي ٿي جا طلب تمام

هادي منهنجو هدايت آ
مومنن لاءِ مولا شفاعت آ
ڏيندو مولا پري آ جنت جام

مئي پي مست ڦران ٿو
حيدر جي دست هيٺ هلان ٿو
هر جاءِ مولا جو وٺان ٿو نام

علي محمد شاھ مولا وارث آ
جنهن ماريو مرحب کي سو پير پارس آ
هر گهڙي تنهن کي آهي سلام

لک پــڙهيم شــڪرانا
جـڏهن مليو صبر ايـمانا

شــڪر ڪرين يا ڪفر ڪرين تـــون
اِهــيو ڏسيو پاڪ قــرآنا

قــدرت مـــولا جي پاڻ ئـــي ڄـــاڻي
ڪيئي درد ڪيا ديــوانا

ڏســـي حـــال هــن خـــلق جـــو
اڄ ريت ڪيـم ڪفرانا

هـــر گــهڙيءَ جـــو رنگ آ پـنهنجـو
ڏس مَن سان هــي مستانا

عــلــي محــمد شــاهہ صــبر شڪــر ۾
گذري ويــا ڪيئي زمــانا

واهہ مــولا عجب تنهنجو رنگ آهــي
منهنجو هينئون نہ هڪڙي هنڌ آهي

ڪڏهن ناهــين پــيو ڪڏهن ڊاهــين پــيو
تــئي اُهــوئي تــو جيڪو تــون چاهــين پــيو
جـيـڪـو لکيو اکـر تـو انگ آهـي

ڪڏهن جـوڙين پـيو ڪڏهن ٽـوڙين پـيو
ڪنهن کي راهہ ڏسين تہ ڪنهن کي موڙين پيو
مُنهنجومولا ننگي توتي ننگ آهــي

ڪُل شَــيءِ قــدِيَر مــالڪ تــون آهــين
مــون کي رزق رسـائيندڙ رازق تـون آهـين
تنهنجي وحدت وڏو ڪو ونگ آهـي

مـنهنجي نـيت صفائي ۽ ٻي ساڻ سـچائي
چـــوي عـــلـــي محـــمد شـــاهہ ســـنائي
مــولا در تنهنجي جـو ملنگ آهـي

محبت كي مائٽ اسان سمجهيو آ
نفرت كان دوري اسان سمجهيو آ

ڪوڙا ناتا ڪوڙا كاتا
اڄ ته اِهي مون سيئي سڄاتا
اِهو يار رمزن ۾ راز لڌو آ

محبت جا ماهر آهيون يار ڳولا
هر جاءِ تي اسان كي مليو آهي مولا
اِنهيءَ رمزن ۾ يار لڌو آ

هر جاءِ محبت قائم اسان جي
هر جاءِ تي شفقت آهي اسان جي
اِها ڳالھ يار اڄ ٻه ٻڌوهان

محبت جو درس مولا ڏنو آ
هر جاءِ تي صلو مولا ڏنو آ
ٻار يا جوان توڙي ٻيو آ

علي محمد شاه سچي آ محبت
سچ سان منهنجي آهي ٿي ته صحبت
راز اندر جو كنيو ڪوڙن كنڌو آ

جان جسي ۽ غنب غسي
پل گھڙيءَ رسي پل گھڙيءَ کسي

اسين مست ملنگ مستانا حيدر جا
پايون حال وسيلا ڳانا ٿا سيد جي در جا
تهان پوءِ يار پسي

ڪونهي ٻيائي ڪنهن سان ٻه يارو
ملي جي حيدر جو نعارو
تهان پوءِ يارو محب رسي

حال حقيقت ڪولي ٿو
خيال طريقت ڪولي ٿو
تهان پوءِ يار ڪيئن نه ڪسي

علِي محمد شاھ چوءُ راهي مولا تون
حق جو هادي مليو آ مون
سيد شل ڪيم رسي

منهنجو ننگي توتي ننگ آ
تنهنجو اعليٰ قدرت رنگ آ

ڪا نہ پوي ٿي ڪل ڪا ڪائي
ڪڏهن سڪي آ ڪڏهن سائي
پر هر ڪنهن جو پَنهنجو سنگ آ

هر دل مولا آهي پڪاريو
مون مسڪين ڪي ڪين وساريو
اِهڙو وَڳو اندر ۾ چنگ آ

شهر بحر ۾ تنهنجو آ نغارو
مولا منهنجو تون ئي سهارو
شهر جبل توڙي جهنگ آ

علي محمد شاه تنهنجي عشق ۾
ڇاٽان عطر ڪٿوري مشڪ ۾
سدا تنهنجي در هيءُ ملنگ آ

هي مثل مڙئي آهي خواب
هتي تہ هر ڪو بڻيو آ نواب

هتي تہ ناحق ڪيو مايا ٿو ميڙين
نہ ڏسندين تون ڪو ڏوهہ ثواب

هي سمجهہ جو فرق آ دنيا خوديءَ ۾ غرق آ
تڏهن تہ نازل ٿيو آ عذاب

سمجهہ وارن لاءِ هيءَ آهي هدايت
باقي رڏن اڳيان وڄي جڻ رباب

اڏي اڏي سڀ هٿ ئي ڇڏيندين
پوءِ پلو ڪرين يا خراب

علي محمد شاهہ حق سچ پيو چوندو
پلي ڪهي ڪري ڪو ڪباب

قدرت جي ساري عبرت آهي
آهي هر سان هڪ هڪاڻ

علي محمد شاهه انت بحر جي
نئين ڪا خبر تون آڻ



نـه ئي وسـرن دوسـت نـه ئي وسـرن اسـتاد
سرسيو پون سڄڻ کنهن وٽ ڪٽي وجون فرياد
هـــتي ڪير نـــه ڪـــندئـــي داد
عـــلي مـحـمد شـــاهه سـنائي چئي

انصاف ناهي دنيا ۾ انڌير ويو وڌي آ
جي چوان سچ تو تہ وير ويو وڌي آ

واهہ ڙي واهہ مسلمانو توهان جي شرافت
آلِ عليءَ سان ڪريو ٿا خلافت
اِها تہ توهان جي روايت اونڌي آ

ڏنو وائنو ٿا توهان جهنم جاءِ ڳوليو
ٻولڻ واري پڪيءَ ڪي ٿا رِڻ منجهہ روليو
اِها تہ توهان جي مخالفت سڌي آ

مولا مومنن کي ساجهہ عطا ڪر
محابي پنجن جي معاف خطا ڪر
ڏسڻ جون ڏي اکيون اِها آس دل سندي آ

ڪريان يارو ڪنهن سان دل جي حقيقت
ڪونهي حال محرم ڪهڙي آ شريعت
رڳو منهن زباني پر دل جا انڌي آ

چوي علي محمد شاهہ حامي هر دم حيدر
آهي حق حقيقي جانب جو جوهر
اجايو وهمن دل وڪوڙي وڌي آ

توبهه ڪر اهڙي جو وري نه ڪرڻي پئي
چئي به پر اهڙي جو وري نه پرڻي پئي
ڳالهه به ڪر اهڙي جو وري نه ڪرڻي پئي
نيت صاف به ڪر اهڙي جو وري نه ڪرڻي پئي
علي محمد شاهه چوڻي چئي
ته زاري بنا نه زور هلي

زاري آهــي مــولا زاري آهــي
مــون تــ عمر وجائي ساري آهــي

مـــون غـــفلت ۾ ڪيو آهـــي گذر
الائي تـــ ڪيئن گذريو آهـــي هـــي سفر
ڏئـــي بــــره چـــڏي بـــيقراري آهـــي

صـــراط المـــستقيم تـــي هلائين تـــون
مـــحـــبن ســـاڻ مـــولا مـــلائين تـــون
وڏي عـــاشـــقن ڪـــي انـــتظاري آهـــي

ڏنـــم خلق خـــدا جـــي خوديءَ ۾ غـــرق
هڪ وسوسا وڏيا پيو وڏيـــو آ شـــرڪ
وئـــي بـيحـــد وڏي ڪل ۾ خـــواري آ

عـــلـــي محـــمد شـاه ڪيو آهـــي صـــبر
هـــر حـــال ۾ مـــولا ڪيو آهـي شـڪـر
بـــيشڪ مـــولا تـــنهنجـــي ســـرداري آ

پڪي ۽ فقير ٿئي ٿمر نہ ڪٽن ساڻ

ڇو جو خبر آ اُنهن کي ؛ رزق الرازقين مولا پاڻ

باقي ڪيون ڇو ڪنهن جي ڪاڻ

علي محمد شاھ آڻ ۽ چاڙھ ؛ ڇو جو هلڻو آهي حبيب ڏي

جن جي مولا ساڻ رهاڻ
سي نہ ڪڏهن ڪنهن جي ڪاڻ

ملڪان ملڪ نعرو اِهوئي
آهي هر جاءِ تنهنجي واڪاڻ

قدرت جي ساري عبرت آهي
آهي هر سان هڪ هڪاڻ

علي محمد شاهه انت بحر جي
نئين ڪا خبر تون آڻ

توبھ ڪر دل سان دلي رک خيال
صورت ڪي سجود آ باقي سڀ زوال
علي محمد شاھ سوال ڪجي تہ ڪجي ايمان جو

سوال ڪجي ايمان جو ٻيو گهر جي دين
پريات جي پڙ ۾ سلجي رڳو سين
ڪڏي ڇڏ قلب مان ڪينارو ڪين
علي محمد شاھ امين هر ڪنهن جي آ من ۾

امين تہ هر ڪنهن جي من ۾ پر ڳولي تان لهي
جيڪا ڪارڻ پرينءَ جي پئي سور سر سهي
ڳولي تان لهي اهڙي واٽ وندر وهي
علي محمد شاھ ڪهي هر ڪو پنهنجو پاڻ ڪي

نيهن پڙهائي نماز
سيکاريائين نوڙت نياز

سالڪن جي صحبت ۾
رکيل آهي ڪو راز

جوڳين آهي جوڳ پچايو
گم ڪري سڀ ساز

واهه واهه قدرت جنهن جي آ عبرت
ڏس برهه بنايو آ باز

عشق وارن جو هر دم مولا
پڏندو آهي آواز

علي محمد شاهه عاشق مولا جا
ڪن عليءَ تي ناز

سامي ٿا سڏائين پاڻ کي ۽ سينون ٻڌن ساندارو
هٺ وڏائي حد کان گهٽي ٻيو لالچ سندو لامارو
سکيو ڏسي سرها پيا ٿيندا ڏکئي کان ڪن ٽارو
انڌن اونداهي لڌي جو لڌائون ڪونہ چارو
سواءِ سڄاڻ ذات سيد جي ڪين ملندن پنارو
علي محمد شاھ عشق ۾ ڪيو ظُوري نظارو
تهان پوءِ وسڪارو وريو يار وصال ۾

جي سامي سڏائين پاڻ کي تہ وڃاءِ پنهنجو پاڻ
ملي وڃ متيءَ سان اهي موجون ڪيم ماڻ
ڪٽي چاڙھ قلب کي سگهو منجھ سرهاڻ
علي محمد شاھ ٿي اٽڄاڻ
ڪڏھن سامي نہ سڏائج پاڻَ کي

هي جـوڳيءَ جـي اتـئي جـاءِ
اتــئي عــشق اندر ۾ تہ پـير تــون پاءِ

پــتنگ وانــگي پـــاڻ پـچائــي
تــون عــشق جـي آڳ اجــهاءِ

صــورت ســـر کي ســجـدو ثــابت
تــون لــهہ کا ســڌ ســماءُ

رمـــز روحانــي کرســيرســيلانــي
تـــون پنهنجـــو رب ريــجهاءِ

جـيڪوڏوري ڏــوسـوئي ڏسي ڏــو
مــــولا هـــر جـــاءِ بــجاءِ

عـلي مـحـمد شاه مرضي آ مـــولا جي
تـــون پـــنهنجـــي تــوڙ نــياءِ

ڪيئن تہ وياسين ڇڏي آزاد ٿياسين فساد ڦڏي
خلق خدا جي مولا ٿو ڄاڻي گڏ ويا تہ گڏي
فاني دنيا مان هر ڪو يارو لڏيو پيو ٿو لڏي
هن جهان مان ڪئين ويا مال مڏيون تہ اڏي
علي محمد شاهہ هر ڪو هلندو جيءَ ساڻ جڏي

پھرين رک اِھو ڏيان ميان
ڪٿان تون آئين ڪيڏانھن تون ويندين

هِتي تہ تون ٻڌجي آئين مسافر
پوءِ مسلم ٿين يا ٿين تون ڪافر
پر اٿئي صاحب سيڻ سبحان ميان

ڪڻ هتان جيڪو ڪڍڻو هجئي
پوک اُها جيڪا لڻڻي هجئي
پوءِ نفعو ٿيئي يا نقصان ميان

هڪ گندي قطري مان تون ٺهيل آهين
ڇا پيو ڪرين ۽ ڇا ٿو تون چاهين
پر هڪ ڏينهن ٿيندين مٽيءَ جو مهمان ميان

علي محمد شاھ ڪجھ سفر آ باقي
منھنجو تہ مولا اِمام آ ساقي
پري پياريندو سو پيمان ميان

پـلي پـلي پاڻ آئي جـا وري
ڪيئي ڪڪر خـمارن جـا پـيس اکيـن مـان ڪـري
چوي عـلي مـحـمـد شـاهہ سـنائي جـڏهن مـلـيس زري
تہ چـڪـو پـي چـري ٿـي

پرت پيالو پيءُ
تہ نانگا لکجين لاهوتن ۾

جام جاڙي جيکر پيئن تون
تہ کڏهن نہ لڳئي سيءُ

دل سان ديکج دلبر کي تون
پوءِ گل گلاب جو ٿيءُ

حاظر رهجان حق ۾ هر دم
منجهہ اِنهيءَ ۾ ٿيءُ

صورت سامهون سجدو ثابت
غافل بندا نہ ٿيءُ

علي محمد شاهہ شوق منجهاران
پُر پيالو پيءُ

طالب ٿين تہ طلب رک ۽ تن ۾ من ۾ مچ مچاءِ
چوي علي محمد شاھ ان آڙاھ ۾ ۽ تون پنھنجو پاڻ پچاءِ
تڏھن ٿينديءَ بچاءُ باقي ھن جھان ۾

ڪرڪسڻ جي ڪار
نفس پنهنجي کي ماريو مار

نفس ندوري کي تون نمائج
تنهن کان هرگز ڪيم ڪيٻائج
اِهڙي تند برھ جي تنوار

نفس پنهنجي سان ڇڏ تون ياري
اِهو ڪرائي ٿو يار خواري
پهرين اندر پنهنجو اُجار

نفس نياڳي ڪئين تہ نيئڙا
هِتي ۽ هُتي کان جيڪي ويئڙا
اِهڙو دشمن نہ ڏار

علي محمد شاھ پنجن تنن
ٻارهن امامن چوڏهن معصومن
تن من تن سين گذار

پتو ڪو نہ پيڙو ويو وقت گذري
ائين تہ ويندو پنهنجو ساھ نڪري

ننڊپڻ ويو نڪري وڏپڻ بہ آيو
نہ پنهنجو سڃاتو نہ ڪوئِي پرايو
اِها ڳالھ دل مان وئي آهي نڪري

ڏکن ۾ سکن ۾ شڪر سان گذاريم
پنهنجن ۾ پراون سيني وساريم
اڄ راز دل جو ويو آهي اُسري

هر دم مولا تُنهنجِي آهي تات
مُنهنجِي ڪا وائي ٻي ناهي وات
اَلحمد سان ويو وقت گذري

علي محمد شاھ دنيا دم گذر آ
گهڙي ڪن جو يارو هيءُ سفر آ
دردن دانهن دل مان وئي ڪا تہ اُپري

جاڳ بندا تون جاڳ
ڇو ڪنيو آ تو ننڊ

جاڳڻ وارن تي ميلو آهي
پر ذڪر بنا هو اڪيلو آهي
هي ڪنهن ڪنهن ملندو آ ماڳ

جاڳڻ وارن تي جس آهي
پر جاڳڻ نہ ڪنهن جي وس آهي
هي ڪنهن ڪنهن هوندو آ ڀاڳ

علي محمد شاهہ جاڳيو مولا
پر دنيا وارن جا اٿئي رولا
هي عجب قسم جو آ راڳ

سوچڻ سمجهڻ ذرو بہ ناهي
باقي رهي تہ وڏائي آ

رزق روزيءَ جو مولا آ ضامن
جنهن جي ساري هيءَ خدائي آ

هر ڪنهن جي آ پنهنجي مرضي
پر سچن جي رهندي سچائي آ

مون تہ ڏٺو آ تون ئي تون آ
ٻي ڳالهہ سيئي تہ اجائي آ

هر دم رهان ٿو صبر شڪر ۾
ڪئي مولا منهنجي رهنمائي آ

علي محمد شاهہ مولا ٿو ڄاڻي
هيءُ عجب رنگ اِلاهي آ

آئون تہ ڏسان ٿو جيڪو مونکي ڏسي ٿو
بئي ۾ پلا ڏس منهنجو ڇا

جيڪو ڪري ٿو سوئي پري ٿو
تنهن ۾ تنهنجو منهنجو ڇا

وحدت مان ئي ڪثرت آهي
ڪثرت ۾ ڏس پلا منهنجو ڇا

سميعٌ بصيرن مولا پاڻ آهي
ٻڌڻ ٻڌائڻ ۾ منهنجو ڇا

فاذڪُروني اَذڪُرڪُم چيائين
پلڻ پلائڻ ۾ منهنجو ڇا

علي محمد شاھ مولا آ حامي
هر جاءِ جلوو ڏسندو آ

عشق رک الف سين اِهڙي کا تند تنوار
برهه ٻاري آ جتي بني اُتي هلي تون ٻار

ميمﷺ سان من ملائي هل تون حبيب ڏي
اِهڙي تمنا درد جي سا سڌ تہ سار

حاظر آهي جٿ ڪٿ سوئي جي ڏسين تون
هر هنڌ مولا حاظر آهي ان نظر سان نهار

هاديءَ سندي آهي هدايت هل صراط المسقيم تي
ور وڪڙ تہ جنهن ۾ ناهي جي نيک نظر سان نهار

علي محمد شاهہ فکر نہ ڪر مولا سندو تون ذکر ڪر
پنهنجي ڄاڻي پاڻ هو تون پنهنجي مئي ڪي مار

رهـــبر بـــنا ڪا راهه ئـــي نـاهـــي
چـــو ٽـا مـــون کي پلايوڙي يــار

هـــاديءَ بـــنا جيڪو حـام هـــٽي
تـنهن جـــي پـرواهه نـاهــي ڙي يـــار

غـــافـل آهــي جيڪو غـفلت انـــدر
تـنهن سان منهنجو چاهـي ڙي يـار

نـــيت صــفا جـــو ســـودو آهـــي
بـــد نـــيت جـــو چـاهـــي ڙي يـــار

عــلي محـمد شاهه عــشق مـــولا ؒ
چـــڏيا سـپ ســـينگارڙي يـــار

کھڙي ڳالھ ڪريان ھن زماني جي
ھن گھڙيءَ ڪن جي فساني جي

ھي ڪائنات مالڪ جي قدرت آ ، مون تہ ھر جاءِ تي ڏٺي عبرت آ
پر وٺي وئي يار حيرت آ ، ڪھڙي ڳالھ ڪريان حيراني جي

ھتي چڙھي ويو ھر ڪو چوٽ آھي ، پر واري جو ھي ڪوٽ آھي
ھتي عزت ۾ وڏو لوڊ آھي ، ڪھڙي ڳالھ ڪريان ھن خزاني جي

ھتي سندرو ٻڌو ھر ڪنھن ڪوڙ آھي ، پر ڪوڙ جي تہ منھن ۾ ڏوڙ آھي
ھي مٽيءَ جو ھڪ بوتو آھي ، ڪھڙي ڳالھ ڪريان بتخاني جي

ھتي دين ڇڏيو پيا ايمان ڇڏين ، ھڪڙو لڏي ٻ پيا پيا اڏين
پر اڏي اڏي ويا سيئي ڇڏي ، ڪھڙي ڳالھ ڪريان مسافرخاني جي

ھيءُ خالق خلقيو ھڪ ڪيل آھي ، ڪيو انسان پاڻ لاءِ ويل آھي
ھي زندگي ھڪ قيد آھي ، ڪھڙي ڳالھ ڪريان قيدخاني جي

علي محمد شاھ اقرار آھي مولا سان ڪھڙو انڪار آھي
ھتي بھانو مڙئي بيڪار آھي، ڪھڙي ڳالھ ڪندي تون بھاني جي

نفس پليت اٿئي ڪتو
پـهرين اِنهيءَ کي مـار مـــيان

حــوس حـــرص جي پـوڄا ڇـڏ تـــون
پـنهنـجا پــراوا سـيئـي گـڏ تـــون
ڪجـهہ ڏيان پنهنجو ڪو ڏار مـــيان

اڏي ســيئـي هـٿ ڇـڏيـندين تـــون
آخـــر هـڪ ڏيـنهن لـڏيـندين تـــون
سـاعـت اُهـــا ڪـا ســار مـــيان

جـيسين تـــوسـان دم هـــي آهـــي
تـيسـين تـوکي ڪم سر تـــي آهـــي
ڪونہ آهـين پنهنجي اختيار مـــيان

عــلي محـمـد شاھ آهي سجــود انــدر
ڪلمون پـــڙهہ تـــون وجـود انــدر
اول انـــدر پـنهنجو تون اجار مـــيان

واہ واہ قدرت یار وکائی
محفل آپ یار مچائی

جھنگل جبل وچ ناز ھے تیڈا
ھے شھران تے بہ اچائی

پر تیڈا توئین چاٹی
ای بازی یار بٹائی

ڈوھین جھانا تے پھرا تیڈا
سڻ لی ساڈی صدائی

نال تساڈی عبادت ساڈی
مینون ڈسدی ساری خدائی

علی محمد شاہ سچ بولیندا
صاف تے صاف سچائی

چا تون ٿو سمجهين چا مان ٿو سمجهان
درس مـــليو آ حـــياءَ مـــنجهه رهــجان

جـــيڏو آ ادب تـــيڏو آهـــي نـصـيب
هـــي قـــصو يـــارو آهـــي عــجـيب
هــر دم حال پنهنجي خيال منجهه رهــجان

اخـــلاق هـــوندئي ايمان ســاڻ ايـندئــي
بـــنا اخـــلاق جي هٿ ڪجهه نـــه ايـندئــي
ســاري سور سارا ڪنهن ســان نـــه سلجان

هـــيءُ بـــره بازي آ مـــون تـــه ڪئي آزِي آ
جنهن ريجهايو آ رب تنهن ســان راضي آ
صـــرف صاف نيت سچائي ســاڻ رڪجــان

عـــلـي محـــمد شــاه اظــهار ڪــر تـــون
نـــعرو مـــولا جـــو نـــروار ڪــر تـــون
اِهـــا ڳالهه دل جـــو دل مـــنجهه رڪجــان

ياد ڪر تون ياد ڪر صبح سويرو فرياد ڪر
فڪر فهم لاهي وهم غم حسيني ياد ڪر

ڪر ڪم سڀ قادر حوالي توڪل سندو تَرَهو ٻڌي
هر ڪم جي مشڪل حل ڪرڻ لاءِ حيدر ڪي دلبر ياد ڪر

محبت سندي ميدان ۾ سر جو سانگو ڪيم ڪر
سر ڏيڻ سوليءَ چڙهڻ منصور ڪي تون ياد ڪر

پلو ڪندين تان پلو ٿيندئي برو ڪندين تان برو ٿيندئي
پلي بري ڪي ڇڏ ڪٺي پنهنجو تہ ڪجهہ تون ڏيان ڏر

صفت ڪر ثابت صحيح جنهِن تي ٿيو نازل وحي
صلوات پڙھ آلِ نبيءَ ﷺ تي درود تاج ارشاد ڪر

علي محمد شاھ انصاف ڏس ڪولي سچو قرآن ڏس
پنجن تنن جي ڏئي ٿو گواهي آيت تطهير ياد ڪر

تــــي هـــوشيار بـــندا گذارين تـــــون
ڪجـهـ خـــوف خـــدا دا ڏارين تـــــون

ڪر ڪرڻ دا وقت اٿئي ، نــم نـمڻ دا وقــت اٿــئي
اوڪا يـار مـناوڻ سخت اٿــئي ، توڙي دل دا مـنتر مارين تــون

دنــيا اٿــئي اسڪول مــولا دا، شان شاهي اٿئي رسول خـدا دا
حـسن حـسينڻ لعل مــولا دا ،اهي حق دي امام نہ وسارين تون

پڙهيا هين تون ڪروڙ ڪتابان ، پرڪين سجاتئي شان شهيدان
رڪئي روزا پــڙهـئي نـمازان ،اول دل دا دفــتر اجارين تــون

ويـهي نــ وقت وجاوين تــون ، حـــق دي راهہ پڇاوين تـــون
دل دا مـــندر سجاوين تـــون ، تـند بـــرهہ دي تنوارين تـــون

آڪي عــلي محمد شاهہ سنائي ، رڪ حب حيدردي تہ ٽئي سٽائي
بن مرشد نہ ملندئي راهہ خدائي ، توڙي وحدت وچ گذارين تون

ڀلائيءَ ڪندين تان ڀلائيءَ پئي ٿيندي
برائي ڪندين تان برائي پئي ٿيندي

ڀلائيءَ جا ڀاڙا مولا ئي ڏيندو
ڀلا ان جو بدلو ٻيو ڪير ڏيندو
چڱائي ڪندين تان چڱائي پئي ٿيندي

برن ساڻ رهندين برائي پيو سکندين
ڀلن ساڻ رهندين ڀلائي پيو سکندين
لچن کان هميشه لچائي پئي ٿيندي

نيتن جو سارو مدار هي آهي
نيت وارن سان مددگار آهي
ڪندين جي نيت صاف تہ سٺائي پئي ٿيندي

علي محمد شاهہ ڏس هيءُ لقاءُ
پورو ٿي ويو سڌ سماءُ
سچن کان هميشه سچائي پئي ٿيندي

گهڙي ڪن وئي گذري باقي گهڙي سفر جي
ڪر ڪا تياري قبر حشر جي

پتو ڪونہ پيڙو اڳيان ڇا تہ آهي
اُهوئي تہ آهي جيڪو ڄاڻي اندر جي

چڱو يار اِهيو اتئي ثمر ڪڻ تون هاڻي
پڇا ٿيندئي آڏو پهريان ثمر جي

هِتي آئين اڪيلو ڏس يار ميلو
واهہ واهہ مولا تنهنجي ملڻ جي

علي محمد شاهہ اُهو وقت نيٺ ايندو
هي سارو جهان تخت بخت هوندو
پر وائي اُتي بہ ڪج ڪا ورڻ جي

آهــن مـــون ۾ عـيب اپـــار
ڏول ڏڪـيـنـدين منهنجـون ڏلايـون

مـنهـنـجـو مالڪ آ منهـنـجـو خالـق آ
تـــون ئـي آهـــين پـالـڻهار

محـشر جـو تـون آهين ضامن مـــولا
پوءِ ڪيڏانهن ويندو گنهگار

هـــر جـاءِ تـنهنجـي قـــدرت آهـــي
هـي ڪيئن جوڙئي جـنسار

ڪـڪ پـن تنهـنجي امـر سان چري ٿـو
ڏنــم سارو گهـمي ســنسار

مـــون ۾ مَـدائيون آهـــن ايتريـــون
جـيـئن مٿي منجهه آهـــن وار

عـــلـي محـمـد شـاهه راهِ مـــــــولا ۾
ڪـر صـاف صـحيح گفــتار

آهيون مثل مڙئي انسان
رهيو ڪو نہ اٿئون ارڪان

لک احسان سيد جا ، لک احسان مرسل جا
جو شڪل ڦيرايائين ڪان

آلِ عليءَ جا اڄ بہ ويري ، آلِ نبيءَ جا اڄ بہ ويري
اِهي بڻيا وتن مروان

علي محمد شاھ دم گذر آ ، سيد سنائي دم گذر آ
هيءُ گذر سفر جو مڪان

جيڏي اپت آ اوڏي ڪپت آ
ڪاهي پيو ملڪ ۾ ڪوڙ ۽ ڪپت آ

هر ڪو صبح سان اٿيو پاڻ پتوڙي
هر ڪو لڪيو ٿو پنهنجو پاڻ لوڙي
آئي يار لالچ تہ پيجي وئي محبت آ

ڪيڏانهن ويو ادب ۽ ڪيڏانهن ويو حياءُ
عجب ڏسان پيو اڄ زماني ۾ لقاءُ
مري ويو ضمير ۽ لڏي وئي غيرت آ

ڇڏي دين ايمان حوس نفس ڪي لڳي ويا
اِنهيءَ اُونهي ڊونڊ ۾ حق سچ پلجي ويا
اِنهيءَ ۾ تہ يارو وني وئي حيرت آ

علي محمد شاهہ رمز روحاني
سير ڪندو آ هميشہ سيلاني
پر هر جاءِ مولا جي قائم قدرت آ

ڏولـيا پـي پـيالا صـبر دا
اوكـها پـنڌ اڙانـگا هـي يـہ سفـر دا

صـبر كـيتا سـيد گهرانـي ، ظلم كيتونـي واهہ مسلماني
شـاهہ دا سـودا هـي يـہ اثـر دا

ڄـاڻي مـولا غيب عـلم دا ، تقدير ني جهليا قضاء قلم دا
كنهن كـون هـي خبر پنڌ قـبر دا

ڄ جـو آكيا سچ كـر ڄـاڻي ، باقي دنيا كـوڙي كـهاڻي
اوكي ويـلي كم آسـئي نام حيدر دا

صحيح صـفاتي ذات سجاڻي ، نـيهن نشي دي مـنزل ماڻي
پـي گـهن پـيالا هـي يـہ زهـر دا

وحـدت والـي بات نـرالي ، علي محمد شاهہ مست موالي
جنهن كون هي مليا جام كوثر دا

ڏس علي محمد شاھ آھي غريب
پر ياد ڪندي يار جاڳيس نصيب
ويس در ملي حيدر جو عجيب
جتي مرض مڙئي يار مٽجي ويو



نور اور نین وہ ہی ہے پاک حُسین

ظاہر غین ہے اور باطن ہے عین

حُسین مِنی وَاَنا مِنَ الحُسین

علی محمد شاہ نکتے نواز ؛ ہے تو ہے حُسین

غم حُسین میں ہم آنسوں بہا رہے ہیں
ظلم ہوا ہے اتنا رو رو سنا رہے ہیں

حج کا آیا مہینہ ، سید نے چھوڑا مدینہ
لیکر پاک صفینہ ، کربل با رہے ہیں

سید کی ہوئی ہے شادی ،کربل کی ہوئی آبادی
راہِ مولا بربادی ، سید کرا رہے ہیں

معصوم دیکھو پیاسی رہ گئی ہیں جو اداسی
تیروں کی ہوئی ہے بارش یہ پانی پلا رہے ہیں

علی محمد شاہ آیا امام صبر ہے سکھایا
اپنا تو سر کٹایا گھر بھی لٹا رہے ہیں

سڻ مسئلا حال فقيري دا ، هَي شان شاهي شبيري دا

پهلا مسئلا عشق اِلاهِي
سچ ٻالهاوي چڙهاون ڦاهي
چڏ مکر منکر هيرا ڦيري دا

عشق ني کيتي کربل تياري
ٿئي هن حافظ ملڙي مياري
شاه کون لقب هي مليا اميري دا

عشق چنبان وچ سيد ني چايا
سارا قافلا وچ کربل کهايا
واه سودا ٿيڙا سرسريري دا

عشق معصوم اصغر دا ويکو
شاه نون شوق شهادت دا ويکو
سيد نون جام هَي مليا صغيري دا

علي محمد شاه مست مدامي
سيد دَي در دِي جنهن قبولي غلامي
تون وي کر گهن سودا اسيري دا

آلِ علي سان ظلم ٿيو جَنهنجو شاهد رسول الله آ
سادات سيد جو سارو لٽيو جنهنجو شاهد رسول الله آ

ڇهن مهينن جو علي اصغر ننڍڙو حسين جو جگر
ارڙهن ورهين جو علي اڪبر ٻچڙو حسين جو پسر
تن کي ماريو موذين تنهن جو شاهد وصي الله آ

اهلبيتن جو پاڻي پليتن پهرا ڏئي بيهاري بند ڪيو
دعوت ڏئي ڪوني ڪمينن جنگ سواري تنگ ڪيو
بيعت بدران تير هنيائون جنهن جو شاهد روح الله آ

پاڪن کي قيدي ڪري خيمان جلايا ٿي جلين
دنيا خاطر دين وڪٽي رهنما کهايا ٿي ڪنن
ڪلمي گوءِ ڪفار ٿيا جنهن جو شاهد ڪليم الله آ

زين العبا بيمار کي شامي شريرن قيد ڪيو
پاڪ هليا پٽيندي ٿي مهاري اِمام عابد ٿيو
ڪربلا ٿي قِيام آ جنهن جو شاهد صفي الله آ

علي محمد شاه ڪربلا ۾ چا ڪميٽن ڪيس ڪيا
سيد ٿيا راضي رضا ۾ هو احمق ابليس ٿيا
صلوات پڙهو سيد تي جنهن جو شاهد ڪلام الله آ

قاصد هِي ڪربلا جا چئجان سلام سارَي
روئي رڱيا تم ڪپڙا ڪجان ڳالھ سارِي سارَي

چاڪئون اوهان لڏي ويا چاڪئون توهان ڇڏي ويا
سڪ سوز ۾ آهي دل ڳٽتن وڏو آ ڳاري

آءُ دادلي هيس توهانجي ڪيڏاهن ويا پيارا منهنجا
پون ٿا ياد مون کي پور پل پل توکي پڪاري

موٽي ڪڏهن ايندا يا مونکي ساڻ نيندا
پنهنجي ڪا واڳ واريو مون ساڻ قول پاري

آهيان اداس هر دم گھڙي ٻہ پائيان زهر ٿي
اصغر جي ياد مونکي ويتر وڏو آ ماري

علي محمد شاھ اداسي پنجن ٻارهن جو پياسي
تنهن کي گھرايو ڪربل سندي ساٿ سارَي سارَي

واءِ حسينا واءِ حسين ۽ هاءِ حسينا ياحسين
ڪربلا جو واقعو واهه صابر ياحسين

ڪافلو ڪاهي اِمام ڪربلا آيو ڪٽي
حق جو نعرو ٿي هنيون آلِ احمد ياحسين

ٻاهتر جو ڪافلو ساڻ هيو سيد سندو
پائيٽيا پاڻ ٽيجا ۽ ٻيا آلِ برادر ياحسين

تون ءِ عليءَ جو لخت جگر تون ءِ پناهه آهين دين جو
سات سارو تو ڪهايو شاهه سرور ياحسين

پاڪن کي قيدي ڪري شام ڏي ڪاهي هليا
زين العابدين ٿيو مهاري بارو باري ياحسين

علي محمد شاهه امتحان ۾ اَوّل نمبر آيو حسين
خد خدا معشوق ٿيو عاشق پرور ياحسين

ويس ڪيم تولاءِ ڪارا وي پيارا
ياد ڪري توکي رنم ساريون راتيون

دلبر توکي ساريو ٿو ساريان
نيڻ وهن وسڪارا

تنهنجو تصور هر دم آهي
ماهِ لقا مت وارا

تنهنجون رهاڻيون ياد اچن ٿيون
نيهن سندا نت نعرا

آءُ پرين اوريان حال اندر جو
سڪاءِ نه سڪ وارا

علي محمد شاهه کي راهِ مولا جي
درشن ڪراءِ ڪربل وارا

آيا موتي مارون وارئون واڳ وطن تي
برابر اباڻن پاريو آ سکن کي

تي آ جا قسمت ولر سان مان آهيان
پَلؤ مون ٻڌا آهن ڳانا ادن کي

کري من ۾ ماتم سڄڻ سان مليا سون
تهان پوءِ مون آ پاريو وچن کي

بيماري هئي گهڻي ئي پر ڇڏئون سڀ مٿائي
کلي پيو هي روح آ مليو جو پاکن کي

علي محمد شاهه اجهو آ حامي سوئي سيدن
چاريو پيو ٿو چاريان اڄ ٻه انن کي

سوکي لنگھائج سِير
موٽ مديني جا مير

واهر ڪرين ولين جي تون
پيرن جا تون پير

سائين سندم تون والي آهين
آهي دل ۾ ڪا اڪير

مڙئي حقيقت معلوم توکي
سڌ ڏيندين تون سڌير

دنيا ساري آهي سمندر
ويرن جا تون وير

علي محمد شاھ راهِ مولا ۾
سِر ڏيندئي تہ فقير

سوال سڄ سرور سندم پرور پلئہ پئي آهيان
محبت تنهنجي مرتضيٰ ، رويو ٿي ٻڏايان

ڪونڪوساٿي ڪونڪو سنگتي آهي اَجهو مون تو سندو
ڪنهن کي چئي ڪنهن کي چوان در تنهنجي پئي آهيان

ڪي ٿا چون آهي چريو ، ڪي ٿا چون بنھ بيڪار
ور تون واهر ٿي ، توکي پئي سنڀاريان

چارئي پلئہ چڪ ۾ ذرو بہ ناهي لڪ ۾
لڪي لڪي ڪنهن کان لڪان تو وٽ ڳجهي ناهيان

آهن اميدون مون گهڻيون پر جيڪي سڄڻ توکي وڻيون
منهنجي صدا ٿيان توتان فدا ، تن من توسين گذاريان

علي محمد شاھ کي امتحان ۾ راهِ مولا پاس ڪر
ڪرم ڪر اچ پير پري تولاءِ هنجون پئي هاريان

جيڪو پلجي ويو سو تہ رلجي ويو
جنهن ياد ڪيو سو تہ رڱجي ويو

ڏس مولا سندو هي آهي نسب
آهي پرڪا مگر يار ڪيڏو غضب
واهہ امتحان ٿيو هي آهي عجب
جنهن سچ ٿي چيو سو تہ ڪسجي ويو

آيو دين هلي ويا مڙئي ٿلي
وارو آيو سيد جو آ فرزند علي
وئي دين کي يار پناهہ ملي
چوجو لاَ اِلَّا اِللّٰہ چئجي ويو

ڏس علي محمد شاهہ آهي غريب
پر ياد ڪندي يار جاڳيس نصيب
ويس در ملي حيدر جو عجيب
جتي مرض مڙئي يار مٽجي ويو

ڪر ڪيني ڪي قتلام
حجت حاجت ڪنهنجي ناهي

من سان مج تون مير مُحمَّد ﷺ
جيڪو حاظر اٿئي اِمام

سميعُ بصِيرٌ مولا آهي
شاهد جنهنجو ڪلام

فاذڪُروني اَذڪُرڪُم آ
پورا ڪر احڪام

صاحب سندي هيءَ صاحبي آ
توڪل توشو تمام

علي محمد شاه حق سچ چئي ڏي
باقي ڪوڙ اٿئي ڪمام

پر ٿين پڪيءَ ڪي ماڻهو نہ ٿئي پر

چوي علي محمد شاھ جي ملي مرشد پاڪ قلندر

تہ پر ڏئي پرواز ڪري

آهـــي لــعل سخـي لــڄپال مــنهنجــو
مـــولا هـــر جـاءِ آ رکوال مــنهنجــو

ڪـر حـــيدر حـــيدر مـــست قــلندر
هـــر جـاءِ وسي ٿــو جڳ جِــي انــدر
آهـــي مـــولا ننگي نـنگپال مــنهنجــو

افـــضل جـــنهنجـــو آهـــي نــــعرو
بـــودلي بـــهار جـــو آهـــي ســــهارو
آهـــي عـــرشي عَــلَم لال جــنهنجــو

مـــست هـــنيو آ حـــيدر جـــو نـــعرو
عـــلـي محـــمد شاهه وٽ تـــون پـــنارو
هـــر دم ۾ ٿـــيو آ خـــيال مــنهنجــو

ظاهر ظهور نور آ نوراني
سڀ کان اَعليٰ اَوّل اٿئي عليءَ جي نشاني
ڪُل نَفسٍ ذائقتہ المَوت اِهيو امر ربّاني
مولا جي تہ مجلس جي هلي ڪاءُ مهماني
چوي علي محمد شاه ملڪ مولا جو اٿئي لامڪاني
پر جي ڪندين بيماني تہ لَڪ نہ اُڪرندي لاهوت جا

جيئي شاھ جبل ۾ لاھوتين جو نعرو
ھر ڪنھنجو آھي نوراني سھارو

نور نوراني مولا علي آ، مولا علي آ ولين ولي آ
غريبن يتيمن جو آھي سھارو

نور آ نوري درشن حضوري اميد وارن جِي ٿي اميد پوري
مڙين جو مرشد آھي پيارو

ظاهر زباني ارشاد ربّاني لَم يَلِد وَلَم يُولَد پروڙج نشاني
جھنگل ۽ جبل ۾ آ نوري نظارو

علي محمد شاھ لاھوتين ۾ آيو دل ساڻ سيد نعرو لڳايو
عرش منجھان جنھن کي آيو اشارو

نوراني جي نگريءَ ۾ نانگا اچن ٿا
هڏيو دل سان نعرا لاهوتي نچن ٿا

نوراني نظارو جهنگل جبل ۾
هر هنڌ آهي نوراني اَوَّل ۾
ڪئين بندا گندا بدين کان بچن ٿا

نور نوراني هر جاءِ تي حاضر
نيت وارن کي ملي ٿو ظاهر
ڪئين پتنگ پڙ ۾ اچيو هت پچن ٿا

هر ڪو ولي هن در جو سوالي
پريو جام جنت مان پياري ٿو جلالي
اچيو سيئي هتي رنگ ۾ رچن ٿا

علي محمد شاهه ميلي تي آيو
سڄي پاڻ نورانيءَ درشن ڪرايو
صبح توڙي سانجهيءَ نغارا وڄن ٿا

جئے شاہ نوُرانی حق سچ کی ہے نشانی
محبت کے میدان میں نکالو بیمانی

چلو یارو دیکھو نوُری نظارا ؛ غریبوں یتیموں کا ہے جو سہارا
دیکھو جبل میں ہے قطب ربّانی

چلو یارو دیکھو نوری کرشمے ؛ کیسی ہیں ندیاں کیسے ہیں چشمے
چڑھائی پہ چڑھتا کیسا ہے یہ پانی

سب کا گزارا حیدر کا نعرہ ؛ جئے شاہ جبل میں ہے جئے شاہ کا نعرہ
کہتے ہیں سب ہے یہ لامکانی

علی محمد شاہ ہے جسکے حوالے ؛ آپ گراوئے مولا آپ سنبھالے
دودھ کا دودھ ہے پانی کا ہے پانی

مومن وے بولو مست قلندر لعل
لعل جھولے لعل

نور نورانی حق کی نشانی
ننگ ننگی ننگپال

جلوہ جمالی قطبِ کمالی
واہ واہ سٹیدائے سوال

صورت سبحانی آواز ربانی
دونوں جہاں دا رکھوال

حیدر صفدر شیر ببر نر
ہر کھندا رکھدائے خیال

علی محمد شاہ سِر سبحان ہے
برحق علی دی اے آل

آهي سيئي مولا جي وَس
ڪو نہ هلي ٿو ڪو وَس

گرمي ڪري يا سردي ڪري هو
شل مولا پوي ڪو تَرس

هلائي جيئن تيئن هلون پيا
اهو ڏاهي ڏنو آ ڪو ڏَس

ڪرم ڪري شل رحم ڪري هو
وٺي راهہ ربَّاني ڏِس

تنهنجي قدرت اَعليٰ آهي
ڪانهي محبت ۾ ڪا گَس

علي محمد شاهہ آهي مرضي مولا جي
وٺ وحدت وارو گس

برائیوں سے بچنا ہے تو نعرہ لگاؤ
حق سچ کی باتیں سب کو بتاؤ

پہلی پہلی بات ہے قلب کی صفائی ؛ محبت میں ملتی ہے ساری خدائی
اگر ہے حقیقت تو دل کو لگاؤ

دوسری بات ہے پکڑلو ایمان کو ؛ یہ بات حاصل کرنی ہے انسان کو
غریبوں یتیموں کو کبھی نہ ستاؤ

تیسری بات ہے محکم یقین کر ؛ صاف صحیح ثابت اپنا تو دین کر
حقیقت کے پیچھے سر کو کٹاؤ

چوتھی بات ہے ثابت اصول کر ؛ اور نہ کوئی بات فضول کر
سب سے ملو اور سب کو ملاؤ

پانچویں بات ہے پریت پیمانہ ؛ مل جائے جسکو وہ بن جائے دیوانہ
مولا سے بولو کے ہم کو پلاؤ

علی محمد شاہ مولا امام ہے ؛ جنت کا کوثر جس کا جام ہے
جلے جو بات اِسی پر اُس کو جلاؤ

ٹھوکر کھا کر سنبھلتا ہے
اِے اِنساں تجھے معلوم نہیں

تم ظلم کرو یا رحم کرو ؛ تم حکم کرو یا شرم کرو
مولا سے تم ڈرو نہ ڈرو ؛ کیا چلنا ہے اِک دن معلوم نہیں

تو تکبر سے یہاں چلتا ہے ؛ آگے تکبر نہیں چلتا ہے
آگے صلا سب کو ملتا ہے ؛ فرمایا خدا معلوم نہیں

تو کیا چھپانا چاہتا ہے ؛ یہاں کچھ بھی نہیں چھپ سکتا ہے
تو جو ارادہ کرتا ہے ؛ کیا اُسکا نتیجہ معلوم نہیں

علی محمد شاہ مولا میں ؛ ہر اِنساں اُمیدیں رکھتا ہے
کوئی چڑھتا ہے کوئی گرتا ہے ؛ ہے نیت کا فیصلہ معلوم نہیں

اعلٰی علی مولا دی شانے
کوئی مانے یا نہ مانے

پوری دنیا جہندا صدقہ ہے کھاندی
اِس جہانے توڑے اُس جہانے

کعبے نوں لوگ سجدا کریندے
لیکن وہ بھی حیدر دا زچہ خانے

کُل دنیا دی جو مدد کریندا
ہر کوئی آکھے سجانے

علی محمد شاہ حیدر دا ہویا
اب کوئی جانے یا نہ جانے

اسان سوچ لیا ہے سارا جہان علی دا
حق دے ولی دا شیرِ جلی دا

پوچھنائیں تہ پوچھ لے اپنے پیراں توں
اسان ویکھیا ہے نظام سارا حق ہے علی دا

نیت والیاں نوں سب کچھ ملسی
اِس جہان وچ سب ھن پردیسی
میں تو خاص کتا ہوں حیدر دی گلی دا

سچی دل نال نعرا مار حیدر دا
منافق ظالم ڈر ڈر ہے مر دا
ویکھو خاص ہے یہ بھی نظارا علی دا

علی محمد شاہ دل سے پکار مولا نوں
آوے امام دل تڑپدا دیدار نوں
اساں لاوڑاں اے لاوڑاں نعرا علی دا

اپنی قدرت آپ ہی جانے
اور نہ کوئی جانے اویار

بات کہوں میں حق سچ کی
کوئی مانے نہ مانے اویار

ہر دو جہاں میں شاہی ہے جسکی
نرالا جس کا شان ہے اویار

دل کے اندر مسجد و مندر
دل میں ہے ایمان اویار

علی محمد شاہ ورد علیؑ کا
وہ پاک ہے اِمام اویار

دیکھ مانگے نہ ملتی ہے بھیک
بن مانگے ملتا ہے موتی لعل

قدرت مولا کی مولا ہی جانے
اور جانے وہ ہی سارا حال

جھُوٹ اور ظلم سے دور تو ہو جا
کیونکہ جھوٹے کا آخر بُرا حال

حق سچ کو تو ساتھی بنالے
پھر کس کی کیا ہے مجال

علی محمد شاہ ہر زباں میں
ملتی ہے مولا کی مثال

مل کے لگاؤ مومن مولا علی کا نعرہ
دُنیا میں سب سے اَچھا لگتا ہے جو پیارا

یہ میری جند جان ہے ثابت صحیح ایمان ہے
آیا جو پاک قرآن ہے مولا کا جو فرمان ہے
بھیجا ہے قدرت نے تحفہ یہ بھلارا

نعرہ میری عبادت یہی میری ریاضت
حق کی ہے ہدایت مولا کی ہے عنایت
مل گئی ہمیں شرافت جب بھی لیا سہارا

محکم میرا یقین ہے ثابت ایمان دین ہے
محمد ﷺ پاک اَمین ہے جِسکا زَمَن زَمین ہے
کہتی ہے پوری قدرت اور کہتا ہے ہر ستارا

علی محمد شاہ نعرہ حق دا لگاوئے ہر دم
مولا علی سہارا کرتے ہیں یاد دم دم
مل گیا ہمیں جو رہبر وہ لعل ہے دُلارا

تجھ کو میں نے بٹھایا ہے دل میں صنم
کیونکہ دین حق کا ہے پاک عَلَم

جس نے تجھ کو ہے دل سے پکارا
تو بن گیا ہے اُس کا سہارا
مٹ جاتے ہیں اُس کے غم و وہم

تو ہی دیتا ہے سب کو پنارا
تیرے نام پہ ہے میرا گزارا
اس دل پہ ہوئے ہیں لاکھوں ستم

جس نے تجھ پہ یقیں ہے جولایا
سمجھو دنیا میں اُس نے کمایا
تو ہی رکھتا ہے سب کی لاج و شرم

علی محمد شاہ تیرا ہے پیاسی
جو رہتا ہے ہر دم اُداسی
کرنا مولا علی تو نگاہِ کرم

جانی میرا سبحان جس کا لکھا گیا ہے قرآن
ہر جگہ پہ سایا ہے جس کا اعلیٰ اُسکا ہے شان

جس کی قدرت اُسکی عبرت
واہ واہ اُس کا ہے بیان

دیکھو فرقان کھول کر یارو
کہ ربؐ وہ ہے رحمٰن

دل کے راز خدا ہی جانے
سب کا وہ ہی نگہبان

علی محمد شاہ حیدر کا ہویا
عَلَم پاک ہے جس کا نشان

آج ہمارے حال پہ یارو ہنستے ہیں
کیا تکبر لیکر یارو چلتے ہیں

کون جانے کون کسی کا کون کہے
تقدیر میری ہاتھ میں لیکر چلتے ہیں

بس یہ بھی فریاد ہے یہ فریادی چھوڑ فسادی
کیسی لعنت شور شرابی لکھتے ہیں

دیکھا حق کو حق نہ بولے کیسے بولے
بخن کہہ کر بات بنا کر پھرتے ہیں

علی محمد شاہ راز تمہارا آواز یہی ہے
مر کے مجاہد یارو کیسے جیتے ہیں

جوگی بن کر جگ میں آیا
جوگی پھیرا پایا

مرلی بجا کے سانپ پھنسا کے ؛ سانپوں کو ہے نچپایا

جت کتھ ہے سیہ نور اساں ڈا ؛ اج نظراں دے وچ آیا

جت کتھ اساں ڈی نظر ہے چلدی ؛ رنگی رنگ رچپایا

ہر جائے تے جلوہ اساں ڈا ؛ جلوے وچ ہے سمایا

انتر منتر خوب مارے سوں ؛ لکیراں دے وچ آیا

بحراں وچ توڑے شہراں وچ ؛ ہر جائے ہے نور سمایا

وحدت والی ہے چال نرالی ؛ ہر جائے تے حکم ہلایا

علی محمد شاہ رمز الٰہی ؛ ہے ورد مولا دا کمایا

جیسی کرنی ویسی بھرنی
یہ بات حقیقت کرتا ہوں

آج کریگا کل کو بھرے گا
یہی سمجھاتا رہتا ہوں

جو بیج بوئے گا وہی پھل پائے گا
یہ ہر جگہ دیکھتا رہتا ہوں

اچھا کرو گے اچھا ملے گا برا کرو گے برا ملے گا
یہ نیت پہ فیصلہ رکھتا ہوں

جھانک کے دیکھو اپنے اندر، اندر مسجد اندر مندر
میں تو دل میں سمایا رہتا ہوں

علی محمد شاہ ورد کمایا رازِ الٰہی دل میں سمایا
یہ کلام ہر جگہ پڑھتا ہوں

آئون گناهگار عيب دار گناهن ۾ غرق
ٻيو ڄاڻان ٻه ڪجھ ڪي نڪي؛ آهيان چاهن جو چَرڪ
مُلن وڏو ملڪ ۾ وڏو وير وڌائي فرق
هڪڙو ڄاڻن ٻه ڪجھ ڪي نڪي ؛ ورائن پيا ورق مٿان ورق
چوي علي محمد شاهه ڪر ترڪ
تنهان پوءِ مَرڪُ تون پلي هن ميدان ۾

پاڻ ٿو پڌائين پاڻَ کي تون شرعي آهين شيطان
هڻ وڏائي حد کان گهٽي ٻيو اٿئي ڪون ارڪان

حديثون پڙهئي حد کان گهٽيون پر سمجهي ڪين قرآن
رکئي روزا پڙهي نمازون پرسجاتئي نہ حيدر جونشان

ڪلمون نہ پڙهي قلب سان سڏائين ڪيئن مسلمان
حسين مني وانا من الحسين آهي مُحمَّدﷺ سندو فرمان

چوي علي محمد شاهه جيڪو نہ مجين پنجتن پاڪ کي
سو مردودي مروان پوءِ هجي کهڙو ٻہ خاندان
پر جاءِ لڌائين جهنم جي

ڏير مٿيءَ جو ٿيندين ڍير
اُونڌا مت جا ڪر نہ وڏائي

وائيءَ وَهہ تون واھُ وھيٽو ، تن ۾ توکي تکبر ٿـيٽو
پاءُ سڏائين يا تون سير ، ڍير مٿيءَ جو ٿيندين ڍير

هڪ تہ ڪمائي ڪين ڪمائي ، ويٺي ويٺي عمر وڃائي
ڦـند سکيو آھين سو سو ڦير ، ڍير مٿيءَ جو ٿيندين ڍير

هــتي تــہ يار تون صاحب ، اڳيان تہ پوءِ تون نائب آهــين
پنــــيان جو تون آهين ڪَير ، ڍير مٿيءَ جو ٿيندين ڍير

ڏاڪڻ عشق جا ابتا ڏاڪا ، هڪ هڪ ڏاڪو سو سو جهٽڪا
چوي علي محمد شاھ سنائي ، سوچي سمجهي ڪڻ تون پير

علی علی کرنے سے طاقت ملتی ہے
علی علی کرنے سے شرافت ملتی ہے
علی علی کرنے سے ضمانت ملتی ہے
علی علی کرنے سے امانت ملتی ہے
علی علی کرنے سے عبادت بھی قبول ہوتی ہے
علی علی کرنے سے معرفت ملتی ہے
علی علی کرنے سے طریقت ملتی ہے
علی علی کرنے سے صداقت اور سخاوت ملتی ہے
کہے سائیں علی محمد شاہ سنائی علی کا نام لینے سے
شناخت اور شفاعت ملتی ہے

علی بادشاہ ہے علی شہنشاہ ہے
علی کے سوا اور نہ کوئی اللہ ہے

مولا نے محمد ﷺ کو معراج بلایا
بجائے ہاتھ اللہ کے حیدر ملایا
تعجب میں آگئے خود رُسول اللہ ﷺ ہے

کعبے کو اِک دن آیا پیغام ہے
کہ کعبہ تیرا بھی کعبہ اِمام ہے
آئیگا ادھر وہ یہ حکم اللہ ہے

کعبہ ادب سے سن کر یہ بولا
ہے خوش نصیبی میری آئیگا جو مولا
لقب تو اُسی کا وجہہ اللہ ہے

علی محمد شاہ سچ تو بتادے
مولا علیؑ کا مچ تو مچادے
اُسی کا ہے سایہ اُسی کی نگاہ ہے

ہندو ہوں نہ مسلم ہوں
بس کام یہی میں کرتا ہوں

سنو رے سیاں میری کہانی ؛ چند دنوں کی ہے زندگانی
پہلے سیکھو سبق انسانی ؛ بات اِسی پر مرتا ہوں

واحد نے ہے سب کو بنایا ؛ تیری سمجھ میں کچھ نہیں آیا
جس نے بنایا اُس نے مٹایا ؛ راہِ رواں میں رہتا ہوں

مسجد مندر دِل کے اندر ؛ جسمیں ہے رہتا مولا شنکر
دنیا ہے یہ بڑا سمندر ؛ انجان ہو کر تیرتا ہوں

علی محمد شاہ ورد کمایا ؛ رازِ الٰہی دل میں سمایا
جوگی بن کر جگ میں آیا ؛ بس جوگ پکایا کرتا ہوں